# ديوانِ عارف

شاعر:

پنهل فقير عارف لغاري

مُرتب:

عاصي عبدالواحد هِڪڙو

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ديوانِ عارف

شاعر

**پنهل فقير 'عارف' لغاري**

مُرتب

**'عاصي' عبدالواحد هَڪڙو**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو سنڌ

2021ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون                نومبر 2021ع

**قيمت: ٻه سؤ چاليهه رپيا**

**[ Price Rs. 240-00 ]**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679، Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي شاعريءَ ۾ الف- بي وار ديوان جوڙڻ جي روايت خليفي گل محمد هالائيءَ قائم ڪئي، جنهن بعد سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي غزلن جا ديوان جوڙيا، جن ۾ ”ديوانِ فاضل“، ”ديوانِ گدا“، ”ديوانِ سانگي“، ”ديوانِ قليچ“، ”ديوانِ واصف“، ”ديوانِ حافظ“ مشهور آهن. سنڌي ادبي بورڊ طرفان سيد غلام محمد شاهه ’گدا‘، مير عبدالحسين خان ’سانگي‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جا ديوان ڇپجي پذيرائي ماڻي چڪا آهن. بورڊ طرفان گذريل سال معروف شاعر ۽ محقق معمور يوسفاڻي جو ”ديوان معمور“ به منظرعام تي آيو ۽ هاڻي ميرپورخاص جي بهترين شاعر ۽ فقير طبيعت جي مالڪ محترم پنهل فقير ’عارف‘ لغاري جو غزلن تي مشتمل ”ديوان عارف“ به بورڊ طرفان شايع ڪري منظرعام تي آندو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي اهڙي علمي ۽ ادبي خزاني کي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ شروع کان ڪوشان رهندو پيو اچي. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. اِهو سنڌن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نِت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان-

ڪانسواءِ سندن هدايتن تحت هڪ سؤ ڪان ڏيڍ سؤ صحفن واري اشاعتي اسڪيم بہ شروع ڪرائي وئي آهي ۽ خاص ڪري سنڌ جي اهڙن اديبن ۽ شاعرن جي ادبي پورهيي کي اوليت جي بنياد تي شايع ڪرائڻ، جن جو ادبي پورهيو اڳ منظرعام تي نہ آيو هجي. ان اسڪيم تحت ئي سنڌ جي هن عظيم سخنور محترم پنهل فقير ’عارف‘ لغاري جي غزلن جي مجموعي ”ديوانِ عارف“ کي بورڊ طرفان شايع ڪرائي منظرعام تي آڻڻ جي منظوري ڏني وئي.

هِن ”ديوانِ عارف“ جو پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي ايامڪاري ۽ سرڪردگيءَ ۾ شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي تہ، اسان جي هيءَ ڪاوش شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن وٽ پذيرائي ماڻيندي.

02- ربيع الثاني 1443هہ — سيد سڪندر علي شاهہ

08- نومبر 2021ع — سيڪريٽري

# ارپنا

آئون هي پنهنجي عشق ۽ عقيدت واري محنت

منهنجي استاد سائين

**معمور يوسفاڻي** صاحب


۽

منهنجي معزز دوست سائين

**نواب امداد علي خان لغاري**

کي ارپيان ٿو.

**'عاصي' عبدالواحد هڪڙو**



**پنهل فقير ’عارف‘ لغاري**

(ولادت: 18- اپريل 1933ع وفات: 8- آگسٽ 2006ع)

[ڳوٺ جاني لغاري- ميرپورخاص]

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ▪ | فقير صاحب جي سوانح | ’عاصي‘ عبدالواحد هڪڙو | 9 |
| ▪ | مقدمو | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 13 |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | الف | 23 | 17 | ح | 58 |
| 2 | ب | 24 | 18 | خ | 59 |
| 3 | ٻ | 37 | 19 | د | 60 |
| 4 | ڀ | 38 | 20 | ڌ | 63 |
| 5 | ت | 39 | 21 | ڏ | 65 |
| 6 | ٿ | 41 | 22 | ڊ | 66 |
| 7 | ٽ | 42 | 23 | ڍ | 67 |
| 8 | ٺ | 45 | 24 | ذ | 68 |
| 9 | ث | 46 | 25 | ر | 70 |
| 10 | پ | 47 | 26 | ڙ | 73 |
| 11 | ج | 48 | 27 | ز | 74 |
| 12 | ڄ | 49 | 28 | س | 75 |
| 13 | جھ | 52 | 29 | ش | 77 |
| 14 | ڃ | 53 | 30 | ص | 78 |
| 15 | چ | 56 | 31 | ض | 79 |
| 16 | ڇ | 57 | 32 | ط | 80 |

| | | |
|---|---|---|
| 33 | ظ | 82 |
| 34 | ع | 83 |
| 35 | غ | 84 |
| 36 | ف | 85 |
| 37 | ڦ | 86 |
| 38 | ق | 87 |
| 39 | ڪ | 88 |
| 40 | ک | 92 |
| 41 | گ | 93 |
| 42 | ڳ | 94 |
| 43 | گھ | 95 |
| 44 | ڱ | 96 |
| 45 | ل | 97 |
| 46 | م | 105 |
| 47 | ن | 107 |
| 48 | ڻ | 116 |
| 49 | و | 120 |
| 50 | ه | 128 |
| 51 | ء | 130 |
| 52 | ي | 131 |

# فقير صاحب جي سوانح

محترم پنهل خان (پنهل فقير) لغاري ولد حاجي محمد عثمان لغاري جي ولادت 18 اپريل 1933ع تي ڳوٺ جاني لغاري ديهہ سانگرو تپوڪاڪ تعلقہ شجاع آباد ضلع ميرپور خاص ۾ ٿي. ابتدائي تعليم چار درجا سنڌي سندس والد حاجي محمد عثمان وٽ پڙهي پورا ڪيائون پوءِ تعليم جو سلسلو مُنقطع ٿي ويو. 1946ع ۾ پنهل فقير مجازيءَ جي مهيز ۾ ونجي ويو. سندس اندر جي ڪيفيت نهايت عجيب ٿي ويئي. انهيءَ ڪيفيت ۾ سندس اندر جا اڌما شعر جي صورت ۾ نروار ٿيا. سندس انهيءَ نينهن نهوڙيل وجود جا واڇا هنڌين ماڳين وڃي ويا. ان وقت درگاهہ پير ڪڪي جو فقير، بلند پايہ شاعر ۽ ولي الله مصري فقير مڱڻهار اچي سندس آڏر جهلي ۽ ڪيس سڀ عشق مجازي کان حقيقي جا گس سونهان ڪيائين. اهو 1958ع جو زمانو هو.

مصري فقير مڱڻهار پير جهلو بنجي. پنهل فقير کي راهہِ وحدت ڏيکاري ۽ گڏوگڏ روحاني رهبري پڻ ڪيائين پوءِ تہ مصري فقير ۽ پنهل فقير ۾ ڪابہ جدائي ڪانہ رهي ۽ هميشہ رات ڏينهن سندن رهاڻيون ۽ ڪهاڻيون قائم و دائم رهيون.

مصري فقير سان ملاقات کان پوءِ رهاڻين جا رنگ رچي ويا. ڪيترن ئي صوفي فقيرن سان ملاقاتون ٿينديون رهيون، رس ۽ رهاڻيون ۽ قربن ڪهاڻيون ٿينديون رهيون. مصري فقير جي دُعائن رنگ لاتو فقير انهن سيني فقيرن جي فيض مان سيراب ٿي ويو سيني دوستن گڏجي پنهل فقير

کي "عارف" جو تخلص عطا ڪيو. جن ۾ "قادن فقير" (چاڪي) سومرو محبت فقير "سيد حبيب الله شاهه بخاري" ٻاپوُ پورڻ ناٿ" (ڪاڻ وارو) اِهي تمام وڏي حال ۽ قال وارا صوفي هئا. مگر سندس حال محرم ۽ استاد فقط "مصري فقير" هو. مٿين فقيرن جا خيال هڪ ٻئي سان ملندڙ هئا، باقي قدح ڏار ڏار هئا جيئن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي ته:

وَٽ وٽ وٽي ۾ مٽ مٽ مَنڌ پيو
قدر ڪيف ڪلال جو پياڪن پيو
اچن دُرس دُڪان تي ڪنڌ قبول ڪيو
سَرها سِر ڏيو چکن سُرڪ سيد چئي.

وقت جو ڪانٽو ڦرندو رهيو آخر 21 جنوري 1971ع تي مصري فقير مٺيهار هن جهان مان ڪوچ ڪري ويو. ڇٽ پٽ تي پئجي ويو پنهل فقير پاڻ کي وري اڪيلو ڄاڻڻ لڳو. سندس استاد مصري فقير جي شعر جي هڪ سٽ آهي ته:

"سُورن ساٿي ناهي ڪو جايس هڪ جُٽي"

پنهل فقير جي سنڌ جي مايه ناز عالم محقق ۽ اڪابر انسان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان پراڻي ڏيٺ ويٺ ۽ شناسائي هئي، هو پنهل فقير جي هر ڏک ۽ مجبوري کان چڱي طرح واقف هو جنهن پنهل فقير کي "ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مرحوم غلام حسين شيخ پروڊيوسر ڏانهن موڪليو ۽ پنهل فقير کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چيو ته "شيخ" صاحب کي منهنجا سلام ڏيئي پروگرام لاءِ چئجانءِ ايئن هڪ هفتي اندر پنهل فقير کي ريڊيو جو ڪانٽيڪٽ ملي ويو. جتي پاڻ مسلسل ڪيترن ئي سالن تائين سگهڙ جي حيثيت ۾ "فتح خان" سيد صالح محمد شاهه جي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيندا رهيا! پنهل فقير شاعري جي صنف ۾ "حمد" "نعت" "مناجات" "مولود" "مداح" "نوحا" "مرثيا" "غزل" "ڪافيون" "نظم" "بيت" "سينگار" "ڏهس" "هُنر" "دوراهو" "ڳجهارت" "ڙِٽ پرولي" "گرچيلو" "پهاڪا" ۽ "قصيدن" تي طبع آزائي ڪئي آهي. سندس شاعري "وحدت"،هيڪڙائي، "عاجزي"، "نيزاري" "هم استي" ۽ "مجازي" موضوعن تي مبني آهي. پاڻ چئن ٻولين ۾

سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ هندي ۾ شاعري ڪيائون. جيئن تہ سندس وڏن جو ادب سان واسطو پڻ هو. پنهل جو نانو "ڏتل خان لغاري" "ڏور ۽ ڳجهارتن" جو ستو سگهڙ هو. پنهل فقير جو والد صاحب "حاجي محمد عثمان لغاري" پڻ "ڏور، ڳجهارتون، پروليون، سهڻا سخن، ۽ پهاڪا" پاڻ لکندو هو. ونس ڪتابن جو وڏو ذخيرو هوندو هو جو اڄان تائين سندن پوين وٽ موجود آهي.

"پنهل فقير" جي شاگردن جو وڏو حلقو آهي جن مان "رسول بخش شاڪر سراز عبدالرحمان 'عادل' هڪڙو، سيفل فقير مگڻهار، جان محمد 'جاني' بروهي ۽ محمد عُرس آريسر" قابل ذڪر آهن.

پنهل فقير جي دوستن ۽ احبابن جو وڏو حلقو هو. ولي محمد ولي سروري، معمور يوسفاڻي رئيس امير دوست مري، عاصي عبدالواحد هڪڙو (راقم الحروف)، تاج محمد تاج هاليپوٽو، رمضان فقير مگڻهار، خير محمد خاص لنڊ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، در محمد ڪمال، قمر لاڙڪ، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، الهچايو مشتاق آريسر، محمد حنيف الزهري، عبداللطيف لغاري، فخرالدين بابر لغاري، حاجي نورل مري، محمد خان مري سروري، محمد عثمان مانجهي ڪنپار، محمد باقر لغاري، محمد اسماعيل شورو ۽ ٻيا. فقير صاحب جن شاعري توڙي نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. جيڪي هيٺ ڄاڻائجن ٿا.

(1). "رائي منجهہ رڙيون" ـ (شاعري)
(2) "انمولِ عارف" - (شاعري)
(3) "سانوڻ ٿڏڙا ڏينهن" - (شاعري)
(4) "ڳالهيون ڳڻ ڳارين" - (نثر)
(5) "پنهوارن پچار" ـ (نثر)
(6) "جيڪر هُوند رَسان" (نثر) ان کانسواءِ ٻيو بہ اڻ ڳڻ مواد شامل آهي.

پنهل فقير ٽي شاديون ڪيون پهرين گهرواري ٿوري وقت بعد الله کي پياري ٿي ويئي. ٻئي شادي مان هڪ پٽ ٿيو جو ننڍي هوندي جهان ڇڏي ويو باقي 3 ڌيئرون موجود ۽ پنهنجي گهرن ۾ آباد آهن. ٽئين شادي مان 3ـ نياڻيون ۽ ٻہ پٽ جمال الدين ۽ ڪمال الدين موجود آهن.

فقير صاحب تاريخ 8 آگسٽ 2006ع مطابق 12 رجب المرجب 1427ع آچاري ڏينهن منجهد جو هن جهان مان پردو ڪيو. پنهل فقير جي تدفين مقام "داد فقير ڏگو" (سيد الياس شاهه) ديهه سانگرو تپو ڪاڪ تعلقه شجاع آباد ضلع ميرپورخاص ۾ ٿي.

ديوان عارف جي اشاعت لاءِ آئون سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' جو انتهائي ٿورائتو آهيان ان سان گڏ پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ۽ پبليڪيشن سيڪشن جي اراڪين جو پڻ ٿورائتو آهيان جن هن اهم ڪتاب کي منظور ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جي مرحلن ۾ محبت ۽ محنت سان آسانيون پيدا ڪيون. خاص طرح منهنجي استاد محترم معمور يوسفاڻي جي لائق فرزند ڊاڪٽر اسد جمال پلي منهنجي هن ڪم ۾ گهڻي مدد ڪئي. ڪتاب جي ترتيب ۽ پروف ريڊنگ کان علاوه شاندار مقدمو پڻ لکيو. ساڳي طرح تاجپور جي نواب امداد علي خان لغاري ڪلام جي هٿ ڪرڻ ۾ خاطر خواه مدد ڪئي. ان کان علاوه فقير صاحب جي فرزندن جمال الدين ۽ ڪمال الدين سان گڏ محترم محمد رفيق لغاري، احسان لغاري، مولابخش لغاري (ٻئي فقير صاحب جا ڀاڻيا) فقير مختيار لغاري، فقير صابر لغاري، فقير منير لغاري ۽ الله جڙيو لغاري پڻ هن ڪم ۾ پنهنجي شوق ۽ ذوق سان شريڪ رهيا. الله پاڪ سڀني کي خوش ۽ آباد رکي (آمين).

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

عمر ڪوٽ

# مقدمو

پنهل فقير عارف سان منهنجي هڪ ئي تفصيلي ڪچهري ٿي. اِهو ادا عبدالواحد هَڪڙو صاحب جو ڪاج هئو. رات جي ماني بعد اسان جي ڪچهري شروع ٿي. ٿورين رسمي ڳالهين ۾ ڪچهري بعد رات جو 11 بجي کان صبح جو چار بجي تائين فقير صاحب بغير ساهيءَ جي پنهنجي شاعري ۾ سگهڙائپ جا ٻول ٻڌائيندو رهيو ۽ ان شاعري جو پسمنظر ۾ داستان حيات جا دفتر کوليندو رهيو. سندس شاعري خواهہ داستان گوئي ۾ ايڏو تہ رس ۽ چس هئو جو ڪنهن بہ مهل مون کي نہ بوريت ٿي نہ آئون ٿڪس. مون پُنهل عارف کي اڳي بہ ٻڌو هئو. پر هن ڪچهري ۾ تہ ڏهُ ٿي ويو. فقير جي رنگ واهہ جو اثر ڏيکاريو ۽ پوءِ ڪڏهن بہ دل تان نہ وسريو.

آئون ۽ محمد حنيف ازهري 2017ع ۾ حج تي گڏ هئاسين. مديني پاڪ جي من موهيندڙ ماحول ۾ ڪٿان هِن عاشقِ رسول جو ذڪر ڇڙي پيو. ازهري صاحب چڱ فقير جو مون کان بہ وڌيڪ معتقد هجي. چيائين تہ فقير صاحب مون وٽ گهڻو ايندو هو. پنهنجي ڪلام جي هڪ ڪاپي بہ مون وٽ ڇڏي ويو هو. ازهري صاحب سندس ذڪر مان ڍاپي ئي نہ پيو. مون کي هڪ سٺ اهڙي ٻڌايائين جو جيڪا روايت مون کي ادا عبدالواحد هڪڙو صاحب ٻڌائي ان جي بہ تصديق ٿي وئي. عبدالواحد چوندو آهي تہ فقير صاحب جڏهن پنهنجي مُڪمل روانيءَ جي حالت ۾ هوندو تہ چوندو هو تہ: الا ! ملاح اڳ ۾ ويو هليو نہ تہ اسان جا فيصلا راڄ ڪن ها. سندس سِٽ جيڪا ازهري صاحب ٻڌائي اها هن طرح آهي تہ:

"وڏي وياسين ويراڳي ٿي، چڙي ملاح رستي ۾"

فقير صاحب جي هيءَ سٽ انهي ڳالهه جي نشاندهي ٿي ڪري ته سندس پرواز ڪيترو اُتاهين آهي جو ملاح کان اوريان ڪنهن به شاعر ۾ سندس اک ٻڏي ئي ڪونه ٿي. حالانڪ مولوي احمد ملاح به ساڳي طريقي سان پر "خاتم الشعراء خاص" جي مقام تي ويٺو آهي.

هتي مون کي اها ڳالهه ڪرڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿي ٿئي ته ملاح رح جي گس تي جيڪي ٻيا شاعر اسان کي اسان جي علائقي ۾، ساڳي دؤر ۾ ملن ٿا انهن ۾ پنهل فقير عارف سان گڏ علي بخش ڏورٽ ۽ مجاهد چانڊيو تمام اهم شاعر آهن. هي اُهي شاعر آهن جيڪي فن جا محتاج ئي ناهن ۽ فڪر کين اتاهين اڏام ڏني ٿو. منجهن جيڪو متفرقه نقطو آهي ته هڪ طرف سندن ڪُتاب وارو علم صفا ابتدائي درجي جو آهي ٻي طرف سندس صحبت واري علم جو اِهو عالم آهي جو توحيد ۽ رسالت جي تنوار ۾ ساڻن ڪلهو ملائڻ جو شوق هرڪو نه ڪري سگهندو. مولوي احمد ملاح رح جو مقام مان ۽ مرتبو سيني کان مٿاهون آهي. اهڙي طرح هنن فقيرن جي جُتي ۾ به هر ڪنهن جو پير نه ماپندو.

پنهل فقير عارف هن سچي محبت ۾ بلڪل پنهنجي سفر جو شهسوار آهي. ڪيس شاعري جي عام روايتن وانگيان:

مون کي ماءُ مجازپڇاري جيئن پڇيو
هتن چڙي هاج، ويئي سار سنڌن مان.
(شاهه)

يا

عشق ٻهري باز چائي چنبن ۾ ڪيو

۽ پوءِ...

برهه بادشاهه جا، ڏاچا ڏجي ويا. (منثار فقير)

بيشڪ اُهو مجاز ئي آهي جنهن جي هڪ نقطي مان نوازجي فقير وڃي ٿا حقيقت جي جهان ۾ هونگارين ته:

هو هُلاچو هُل، بالله سندو سچڻين.

پوءِ ويهي هنن فقيرن جي حال جي خبر پروڙجي. ڪي حقيقتن جي پرده

پوشي ڪان نڪريو وچيو شطحيات تائين پهچن ته ڪي پنهنجي حال تي ضابطو رکندي ڳنيءَ جو ڏڪ به ڪونه لاهين. پنهل فقير انهيءَ ضبط وارن فقيرن مان آهي ۽ توحيد جي گس چڙهڻ واري لاءِ ڪابه رعايت ڪونه ٿو ڪري ته:

’عارف عشق الله ۾، تون شعر شاهاڻا به لک،
پيا ڪري گفتا غلط شيطان شاعر تون نه واقف
ڏسو ته هن ’پاپ‘ جي وضاحت لاءِ ڪيڏو وسيع نقطو منتخب ڪيو آهي، اجايل ڪي پاڻي نه پيارڻ ۽ مسڪين تي ظلم ڪرڻ ئي صرف پاپ نه آهي پر فقير وٽ ڳالهه ئي ٻي آهي.

مانُ ۽ لَڄَ شان ڏيندڙ عارف رزق ڏيندڙ الله،
تنهن ويجهڙي جا وڙ وسارڻ، پوءِ آهي يار پاپ...!
وري آسرو به ڪيڏو چٽو آهي ته:
الله اڪبر ڪانسواءِ پيا سڀ اجايا آسرا،
دانهه دِلاور ڪانسواءِ پيا سڀ اجايا آسرا.
اجان لذت انهي ڳالهه ۾ آهي ته فقير صاحب ڪيئن وچي اهو اوتارو ڳوليو آهي جنهن جهڙو ٻيو ڪو اُتارو آهي ئي ڪونه ته:
سنڀالي جو جهان سارو هلي جنهن عام اوتارو
آهي ڏيهه ڪي ڏيڻ وارو، منهنجو ڏاتار سان مطلب
جيڪو ڏيهن جو ڏاتار آهي ان جا احسان نه مڃڻ ۽ ان ڳالهه کان انڪار ڪرڻ جي گنجائش ڪٿي آهي.

الله جل جبار جا احسان مڃ، منڪر نه ٿي،
سائين سچي ستار جا احسان مڃ، منڪر نه ٿي،
ادا عبدالواحد جڏهن همت ڪري فقير صاحب جو ڪلام گڏ ڪيو ۽ پوءِ اِهو عزم ڪيائين ته هاڻي اهو ڇپائڻو به آهي ته ڪمپوزنگ لاءِ منهنجي ننڍڙي ڀاءُ امام بخش مگريو جي حوالي ڪيائين ۽ جڏهن مون وٽ اُهو ڪلام پروف ريڊنگ لاءِ پهتو ته اُهي لڳ ڀڳ ٻارنهن سئو صفحا هئا. هيڏي گهڻي ڪلام

ڇپائڻ جي لاءِ گھڻو سرمايو بہ کپي. هنن موجهارن مان گذرنديءَ مون عبدالواحد کي صلاح ڏني تہ پهريائين ٿورو انتخاب اڍائي سئو کن صفحن جو شايع ڪجي. پوءِ وري ٻيو ڪلام ايئن ننڍين ننڍين حصن ۾ فقير صاحب جو ڪلام شايع ڪرائجي. پاڻ مون کي حڪم ڪيائون تہ توهين انتخاب ڪريو. مون جڏهن فقير صاحب جي ڪلام جو انتخاب ڪرڻ شروع ڪيو تہ مون کي غزلن واري حصي ۾ ڪجھ اهڙا قافيہ ۽ رديف مليا، جيڪي "غزلن جي ديوان" لاءِ خاص جوڙيا آهن. پوءِ جڏهن مون انهن جي ترتيب ڏاهي تہ ديوان جي مڪمل شڪل ملي وئي. 52 الف ـ بي جي اکرن جي هن ديوان تي آئون تہ حيران ٿي ويس. ڇاڪاڻ تہ مون فقير صاحب کي هڪ سگهڙ ۽ عروضي شاعر تہ سمجهيو پئي پر صاحب ديوان جو خيال نہ آيو. خوشيءَ ۽ حيرت جي حد نہ رهي. مون ديوان جو مسودو علحده ڪري عبدالواحد جي حوالي ڪيو. ٻئي ڏينهن سنڌي ادبي بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽي جي ميٽنگ لاءِ عبدالواحد صاحب اهو نسخو جمع ڪرايو. ساڳئي ڏينهن ئي اهو نسخو شام جو پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ۽ نواز علي شوق صاحب منهنجي تائيد سان منظور ڪيو ۽ اڳتي جي مرحلن لاءِ پبليڪيشن سيڪشن جي حوالي ڪيو. يقيناً هن ديوان جي ڇپجڻ ۾ هنن ٻنهي بزرگن جو اهم ڪردار وساري نہ سگهبو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد عبدالواحد ڪجھ وڌيڪ ڪاغذ کڻي آيو جن ۾ "الوداع" واري رديف وارو غزل پڻ شامل هو جنهن جي اسان کي تلاش هئي. ان سان گڏ هن مرحلي تي فقير صاحب جو اهو پنو بہ مليو جنهن ۾ مڪمل الف ب جو چارٽ هو جتان اها ڳالھ طئہ ٿي تہ هيءَ ديوان ڪو اتفاق نہ پر باقاعده فقير صاحب محنت سان تيار ڪيو هو پوءِ اها ڳالھ ٻي آهي تہ القاءَ پهرين ٿيو ۽ شاهدي پوءِ ملي.

اسين هن ديوان جي تفصيلي خوبين ۽ صنايع بدايع جي اپٽار ۾ نہ ٿا وڃون صرف ابتدا ۾ ڪيل توحيد جي سري هيٺ واحد ۽ احد جي عددي ۽ صفاتي نقطن بعد ڳالھ کي اڳتي وڌايون ٿا. الله پاڪ جي ذات وانگر صفات ۾ بہ وحدانيت آهي. هن دقيق بحث کي اسان جي بزرگن نهايت احتياط سان پرکيو ۽ صاف نبيريو آهي. ۽ توحيد بعد رسالت تي پهچي ويهي پنهنجي عشق جو اظهار

ڪيو اٿس. عاشق رسول ﷺ پنهنجي عشق جا رسيلا ۽ مٺڙيا پيالا پئيندي ڏاڍو پنهنجي مستي ۾ اچي رقص ڪندا هئا ۽ ان وقت ته سندن زبان مان اهڙا لفظ نڪرندا هئا ته ماڻهن جي دلين تي اثر ڪري ڇڏيندا هئا.

خدا جو محب دل وارو، صفت جنهن جي قرآن سارو
آهي محبوب موچارو، منهنجو مهندار سان مطلب

غزل جي شاندار پيرائي ۾ فقير صاحب واهه جو نظارو ٿو پيش ڪري جيڪو عرش ۽ فرش تي بحث جي صورت ۾ موجود آهي ته:

عرش احمد ﷺ فرش محمد ﷺ، اسم ٻئي پاڪ عربي جا،
الاهي نور، اسمن تان، انس غلمان اٿڪي پيا.

'مسجد غمامہ' جو مشهور واقعو جنهن جو ذڪر اسان ڪليات احمد (ڀاڱو ٻيو) جي مهاڳ ۾ به ڪيو آهي، انهيءَ جو حوالو به فقير صاحب وٽ واه جو آهي. حضور نبي پاڪ ﷺ جن هڪ جمعي جي نماز مسجد غمامہ (مدينو پاڪ) ۾ پڙهائي ته هڪ اصحابي سڳوري عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ ملڪ ۾ سخت ڏڪار آهي دعا گهرو برسات پئي ته جيئن انسان، پکي، جانور ۽ جيت جڻا سکيا ٿين. پاڻ ﷺ جن دعا گهريائون ۽ الله جي رحمت وسڻ شروع ٿي. وري ايندڙ جمعي جي نماز به پاڻ سڳورن ساڳي مسجد غمامہ ۾ پڙهائي ۽ ساڳيو اصحابي سڳورو اٿي بيٺو ته يارسول الله برسات تمام گهڻي آهي هاڻ دعا گهرو ته بند ٿئي، ڇو جو مديني پاڪ جي ماڻهن جا گهر ڪچا آهن. هاڻ ست سهڻ ڪونهي. ان ڳالهه تي حضرت عمر فاروق رضہ ان صحابي سڳوري کي چيو ته برسات الله پاڪ جي رحمت آهي ان جي بند ٿيڻ جي دعا ڪونه ڪبي، تون چئه ته يارسول الله هيءَ رحمت هاڻ وري بين خشڪ وادين ڏانهن وسي. نبي پاڪ ﷺ جن دعا گهري ۽ برسات مديني پاڪ کان اردگرد جي بين وادين ڏانهن منهن ڪيو. سبحان الله مولوي حاجي احمد ملاح چيو ته:

وار واري ٻي ولهار...!

ساڳي ڳالهه فقير صاحب به ڪيڏي سهڻي طريقي سان ٿو ڪري ته:

آهين تون مُلڪ جو مالڪ، ڏٺين تون خلق کي خالق،
رسائين روز تون هر گهر، مٺا منج مينهن ٻي پاسي...!

فقير صاحب وٽ غزل جا موضوع بہ جھجا آهن تہ لفظن جي ڪوٽ ڪونهي. سندس نظر عام مشاعرن ۽ عام شاعرن تي بہ آهي. هو مولوي عبدالغفور مفتون همايوني جي ڪافي نما غزل جي تتبع تي لکي اِهو ٿو واضح ڪري تہ سندس نظر هر طرف شاعري جي جهان ۾ ڪليل ۽ سجاڳ آهي تہ:

تنهنجي زلف جي زور زنجيرن ۾ زردار هزارين مان نہ رڳو
تنهنجي حسن جي نيڪ نگاهہ ڪيا، نروار هزارين مان نہ رڳو.

هي سجاڳ شاعر اسان جي ادب ۾ ٿيندڙ چڙ واڌي وارين حرڪتن کان بہ غافل نہ آهي تہ:

فحاشي اڄ فسانا ڪي، لکي ليکڪ ٿيا پڌرا،
اڳوڻو ويو ادب وسري، اديبن جي لڳي اڻ وڻ.

وري ساڳي وقت اڳ جا شاعر ۽ شاعراڻو ماحول ياد ٿو اچي تہ هو بُلهي شاهہ سچل سرمست سان گڏ مصري شاهہ ۽ مولوي علي محمد مهيري جا نالا کڻي پوري دور کي ٿو اوساري تہ:

اڳي 'سچل' 'بولا' شاعر هئا، وري 'مصري' 'مهيري' ماهر هئا
ڏاڍا شعر تنين جا ظاهر هئا، اڄ سخن سچاڻا وسري ويا.

هو پنهنجي ملڪ پاڪستان جو بہ گهڻگهرو آهي ۽ يوم آزادي جي فنڪشن ۾ سندس گونج، گونجي ٿي تہ:

سال گذرڻ بعد آيو يار آزادي جو ڏينهن،
جا بجا ٿيئڙا جشن، جنسار آزادي جو ڏينهن.

بروي ۽ رپ جي داستان کي انسان جي جن ٿورن ڪلاسيڪي شاعرن سمجهيو آهي، فقير صاحب بہ انهيءَ ساٿ ۾ شامل آهي تہ:

برهہ ۾ هئو بروو ٿيو ڪامياب،
سچو ماس تن جو ڪاپايو عشق.

داستان گوئي سان گڏ ڪيس وطن جي نظارن جي سونهن بہ هڪ هنڌ بيهاريو ڇڏي ۽ دلفريب نظم پيو چئي تہ:

جيئن ڏنارن جون ڌڻن، للڪار لاتيون لوڪ گيت
تيئن درد مندن دلفريبي نظم نيارا هون شال.

هنن نظارن ۾ جيئن خلق، خدا خوش آهي تيئن وصل جي نظارن سان عاشق مڇي متارا ٿين ٿا.

جيئن ڪير ڏُڌ ۽ ٻيون خوراڪون، خلق ڪايو خوش گهمي،
تيئن وٽيون وصلات پِي، مانجهي متارا هون شال..!

انهي لمحي عجيب آرزو ٿي، دِل مان اُٿي ته:

مون مرڻ جي محل ۾ محبوب تون موجود هُج،
ساڻ درشن دم سڄڻ، تنهنجا تمارا هون شال.

فقير صاحب حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ذڪر کانپوءِ پنهنجي مرشدن، دوستن، عزيزن ۽ مهربانن جي ذڪر ڪرڻ ۾ ڪنجوسي ڪئي ئي ڪونهي. اسان اهو ذڪر شاعري سميت سندن ٻئي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. هتي غزل ۾ باربار ايندڙ ذڪر مان اسين مسڻ جي مولوي عبدالڪريم لغاري مرحوم جي ڳالھ ڪريون ٿا، جنهن جي عالمانہ صحبت جو اثر فقير صاحب تي نمايان آهي.

جيئن منجھ ’مسڻ‘ ماه لقا تون مولوي عبدالڪريم.
تيئن مونجھ وارن تي مسلم، ٿئَ مِڙِ موچارا هون شال.

غزل جي رومانوي رنگ ۾ فقير صاحب واھ جو نباھ ٿو ڪري ته:

ڇيم هڪ شهر ۾ آهيون، ڪڏهن گهر ۾ گهڙي ايندس.
ڇپائين اهڙي عادت تان، لڏيندين يا لڏائيندين.

اجان بہ اڳتي ته:

ڇانوَ وارن جي هجي، ابرو ۾ سجدا روز و شب،
لڳن سيني سنوان، نيڻن سندس نيشان سيڌ

مختلف صنعتن سان سينگاريل هن شعر ۾ رواني ۽ دلڪشي جو مزو اگر وٺڻو آهي ۽ شاعر جي شاعري تي مڪمل حڪمراني مان لطف اندوز ٿيڻو آهي ته پوءِ هيٺين بند وارو سڄو غزل مطالع ڪريو ته:

کيائين ڪٽ، لهي ويا ڪٽ، لاٿائين ڪٽ ڪتاري جو
ڳسيا ڪونڌر، ويا ڪيهر، قتل جي ڪار رستي ۾،

فقير صاحب پنهنجي غزل ۾ عام عوامي رنگ ۾ ماحول جي عڪاسي ڪرڻ ۾ خوب آهي ته:

ڪندا ڪين پوري پگهارن مان،
پوءِ زور رشوت وڌائڻ تي وٺ...!

۽ وري مشاعرن ۾ اردو شاعري جي مزاحيه پهلو جو به ذڪر ڪري ٿو ته:

’عارف‘ هاڻ پٽ ست مان پوري ٿئي ڪيئن،
بيگم جي فيشن ڦيرائڻ تي وٺ...!

ساڳي طرح هو عام ووٽر کي پنج سالن بعد وري ياد ڏهاني ٿو ڪرائي ته:

اليڪشن آ اچڻ واري، ويندا وڪجي هڙئي هاري،
صفا سستي خريداري، سندو واپار سمجهي وڃ.

پنهل فقير عارف پنهنجي دور جو وڏو شاعر آهي. سندس حافظو به ڪمال جو آهي. هُن سنڌي شاعري جي لڳ ڀڳ سيني مروجه صنفن تي لکيو آهي. ٻي طرف هو وڏو سگهڙ آهي. هُن سگهڙائپ جي تقريباً سيني منظوم صنفن تي لکيو آهي. سگهڙائپ جي خاص پهلوئن مان هو ڳجهارت ۾ هنر جو تمام سٺو گهڙيندڙ آهي. سندس هِن رخ جو ذڪر اسان سندس ٻئي ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

هيءَ ڇاڪاڻ نج – نبار غزلن جو مجموعو آهي جنهن ۾ فقير صاحب جي غزلن جو به انتخاب آهي. سندس ٻيا غزل ٻين مجموعن ۾ به ايندا. هتي اسان صرف ديوان جون تقاضائون پوريون ڪيون آهن.

هن ديوان جي اچڻ سان فقير صاحب جي ڪلام جي اشاعتي سلسلي جي ابتدا ٿئي ٿي. اميد اها آهي ته سنڌ جا اهل ذوق هن ڪلام مان مستفيض ٿيندا ۽ فقير صاحب جي علم ۽ هنر تي پنهنجو قلم تحرڪ ۾ آڻيندا.

# دیوانِ عارف

## الف

الله اڪبر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.
دانه دلاور ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

سڀ ساعتون جيڪو سنڀالي ٿو قريبن ڪان قريب،
تنهن راز رهبر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

ڪرم ڪوڙين جنهن سندا، ڪهڙا لکي ڪهڙا لِکان،
ڪونين قادر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

حال محرم حال جو، هر حال ۾ همراهہ سو،
هر جاءِ حاضر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

ميچ محمّد مصطفيٰ، جو انبيائن ۾ عجيب،
تنهن نور انور ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

يا علي مشڪل ڪشا، مشڪل ڪشائي جو ڪري،
حيدر بهادر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

’عارف‘ اچي ڪربل اندر هو، سر ڏِنو صابر حسين،
تنهن شاهہ شاڪر ڪان سواءِ، ٻيا سڀ اجايا آسرا.

O



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

مهر سان مالڪ متي مولا وسايا مينهڙا،
موڪليا هر ملڪ تي سائين سوايا مينهڙا.

ڪيٽ ڪيڙي خوش ٿيا، ٻاجهر وري اڄ ٻور تي،
ان لاءِ ٿيون عيدون ابر ڪن لئي اجايا مينهڙا.

ڏس دڙن جبلن متي، جهونگار جهانگين جي لڳي،
ڀيج مولا ڀيج، مولا اڄ ڪي آيا مينهڙا.

ڏيهه تان لاٿا ڏڪر، ڏاتر ڏولاوا ڏور ڪيا،
ٿيون وسون ولهار ۾، والي واريا مينهڙا.

’عارف‘ مڙئي الڪا لٿا، پوڻن پلر پالوٽ ڪئي،
ملڪ ساري تي، مڪا سائين سجايا مينهڙا.

پرين آسرا سپ پليندا هليا ويا،
ڇيائون نہ اڇجان، جهليندا هليا ويا.

مهر و وفا ڪا، ملي ڪانہ تن ڪان،
رقيبن سان صحبت، سليندا هليا ويا.

روئي رت ڦُڙا، مان رندن تي رُلان ٿي،
سڄڻ روح ٻئي سان، رليندا هليا ويا.

ڏڪاري ڇڏيائون، ڏڪا ڪاٺا پيا،
مون کي روندي رڻ ۾، ڇڏيندا هليا ويا.

وري ديس پنهنجي تي، ويچبو اي 'عارف'،
هي جا ٿاهوڪا، ٺهليندا هليا ويا.

O

سراسر سونهن جا ساغر، پيتاسون صاف سبحانا.
هلي محفل ۾ مئي خوري، پورا لبريز پئمانا.

مهانگو مئي سندو ماسو نہ مورهين تو مِلي ڪنهن مُلهہ
وتن تنهن لاءِ وڍايو سر، لچن پيا لال لاثانا.

نظارا ناز پرور جا، نچائن تا نسنگ نينهن ۾،
هينئين منجهہ مون حسن وارن، ڪيا نروار نيشانا.

مِلي مون محب کان ميسر، وٺي وصلات واري ڪا،
لبن تي لال لب لائي، ڪيم سر ساهہ قربانا.

'عارف' اظهر اندر عاليِ، بنائي آهہ برهہ بازي،
'پنهل' جي پيار کان ڏاران، ٿيا ڪيئن وير ويرانا.

O

ڪانگ ڪوهن تان ڪهي وچ، پس لمحہ تون لال جا.
خوب روۓ جي ڏي خبر، ڪي خاص خط خوشحال جا.

وڻ مٿان ور ڏيئي وراڪا، پيو ڪجان زاريون ضرور،
من ڪڏهن ڪوئي پڇن، توڪان اڪر احوال جا.

روبرو روئي چئيج چو تو روئاڙين رات ڏينهن،
منجهہ ڳري ڳوڙها وهائج، هن حقيقت حال جا.

ٻاجهہ مان ٻولي جيڪي، سو سِڱهو مون ڪي سڻاۓ،
مهربانيون تو ميان، بيشڪ پلايون پال جا.

پيار جا پرزا پٽن ۾، تون پکي پائي اچيج،
ڪولي ڪنيڙن مان ڪٺي ڏيۓ، سڄڻ سندي سنيال جا.

ايندي عجيبن ڪي ڏِسي، 'عارف' ويا ارمان سڀ،
درد دوڪا ٿيا دفع، ڏک سور دِل سو سال جا.

○

بيدردي ديدمر دور نئون غمر درد جا داٽا، وسري ويا،
آزاد نظمر جي دنيا ۾ بس شعر شاهاڻا، وسري ويا.

ڪي عامل ڪامل قاضي هئا، ڪي عاشق مست مجازي هئا،
ڪي شاعر سخن درازي هئا، تن پُرجھڻ پاڻا وسري ويا.

اڪيون ساڻ الاهي عشق اڙيون، ڏيئي غير ڪيڏياڻون تات تڙيون،
ڇڏي مسجد مندر مور مڙهيون، تن تول تڪاڻا وسري ويا.

اڳي 'سچل' 'بولا' شاعر هئا، وري 'مصري' 'مهيري' ماهر هئا،
ڏاڍا شعر تنين جا ظاهر هئا، اڄ سخن سچاڻا وسري ويا.

هئا شايد شعر شمارن ۾، متي يار سخا سردارن ۾،
رهندا شاعر هئا دربارن ۾، سي رس رهاڻا وسري ويا.

جي برزخ ڪان بيچين هئا، طرفين جي عيبن عين هئا،
سڪ وحدت ۾ دن رين هئا، سي سياڻا اياڻا وسري ويا.

هت دانائن جا دور به هئا، سينگار ڳجھارت ڏور به هئا،
سي محفل مُهڻان مور به هئا، تن ٻول ٻاٻاڻا وسري ويا.

دلدار دلاسا ڏيندا هئا، لڪ چوري ايندا ويندا هئا،
رئاڙيندا هئا ۽ روئيندا هئا، سي نيڻ نماڻا وسري ويا.

ڪئين سهڻن جا سينگار نوان، انڪار بجاءِ اقرار نوان،
پيا روز ڏين ديدار نوان، خُد و خال پراڻا وسري ويا.

نڪي سينڌ پٽيون، نڪا وار سڄي، گفتار واپار جي تار وڳي،
هي مصر واري بازار لڳي، هو مرڪون ماڻا وسري ويا.

ڪي سنبريا سائي سومارن تي، ڪي سئنيما جي ستارن تي،
ڪن بار پيا اغيارن تي، تن عزت اولاڻا وسري ويا.

ڪي "عارف" عين امير بہ هئا، ڪي عشق ڪيا اڪسير بہ هئا،
ڪي ماهِ رخ ماهِ منير بہ هئا، سي گلزار گهراڻا وسري ويا.

○

بدن ۾ روح قيدي، ۽ زلف زندان اٽڪي پيا،
اکين ۾ اڄ عجيبن جي، اکين جا ڪان اٽڪي پيا.

نگاهِ ڪرم ٿيو ساقي، سري مان نہ ڪجھ سريو دل ڪي،
گلابي گل ۽ هي جام، ٻئي پيمان اٽڪي پيا.

اناري لب عجيبن جا، مٿان سرخي ڪٿي سهٽي،
عنابي رنگ ٻيئي اڄ، مثل مرجان اٽڪي پيا.

برهہ امراض ڇا ڄاڻن، طبيبن سوچ ٻي دل ۾
دوا ديدار ۽ دارون، طبي درمان اٽڪي پيا.

ملڻ محبوب آيو ٿي تہ، ڪر جاڳي خلل ڪيئڙو
ٻڌم پئي گهر ۾ دلبر سان، اٿي نادان اٽڪي پيا.

عجائب غم دل محبت، جهليو ميلاپ ڪان منڪر،
عجب هي غم مگر هو غم، اچي ارمان اٽڪي پيا.

عشق جي فوج ٿي هِتان، هُتان حملا حُسن جا ٿيا،
اچي ميدان ۾ لشڪر، صفا سلطان اٽڪي پيا.

مجي مالڪ سندي مرضي، ڪيم محبوب کي سجدا،
اصل ان ڳالهہ تان، ابليس ۾ فرمان اٽڪي پيا.

مِني محبوب جي مرڪڻ، منجهان شفتين تي ظاهر،
سفيدي ۾ صفائي تان، دُرِ دندان اٽڪي پيا.

عرش احمد فرش محمّدﷺ، اسم ٻئي پاڪ عربي جا،
الاهي نور اسمن تان، انس غلمان اٽڪي پيا.

رلايا عشق ڪئين ”عارف“ ڇڏي تسبيح ڪٺي مرليون،
وٺي مذهب مجازي جا، هي شاهي تاج صنمان اٽڪي پيا.

O

حُسن جي هاڪ جا هيل ڪيچين جا قافلا ٻڌا تو هوندا،
شهر ڀنڀور ڏانهن تيڙا روانا تو ٻڌا هوندا.

مومل جي موه مورت تہ لکين ماريا تي مسافر،
تني جا ڪاڪ پر آخري آستانا تو ٻڌا هوندا.

ماروي جهڙي جسم، جوهر جهلي جنهن قيد ۾ آندي،
عمر جهڙا هوس ماريا، حيوانا تو ٻڌا هوندا.

سُهڻي ڪيا سِير ۾ سڏڙا ميهر رسيو تن ماڳن،
اهڙا عاشق سچا سورهيہ سمانا تو ٻڌا هوندا.

بديمل ڪاڻ جنهن ٻيڙا لڙهايا سير ۾ سارا،
نار خاڪي مليا صيفل کي تمانا تو ٻڌا هوندا.

ملوڪت هير جي موهي ڪيو رانجهن، جوڳيئڙو
حسن وارن جا حملا قاتلانہ تو ٻڌا هوندا.

O

مرڪڻ ڪيس مستان، من مرجان مانجهي ماريا،
ڪئين سِر ويا لحظي لهي، حيرت انهيءَ رت هاريا.

لب ڏسي لاثان لاشڪ، تين لڪين لالون لڄي،
لالي تهين مان لال ٿي، هر جاءِ رنگ هالاريا.

ڪرنڪ ڪنول ڪئين ڪينڪي، سؤسيني ڪيا سورج سلام،
گفتار خوش گلشن اِرم، مکڙي مان گل گلزاريا.

آب ڪوثر ڪان ڪثر، شفتين شاهاڻا شراب،
پان پئمانا پڪون، پي پُر ٿيا پئناريا.

سهڻو سجڻ سينگارجي، ”عارف“ اگڻ آيو عجيب،
سرخي سندن ساڙيو هينئون تنهن داغ ٻيهر ٻاريا.

○

ب

دين جو ڪو درس وٺ تون، هي دُنيا بس خواب خواب.
اونو اندر ڪو اهو اڳيان ملي من آب آب.

رب ارني عرض جو مليو جوابن ۾ جواب،
پوءِ پلا ڪيئن پيو ڏسي، طور تي ڪو تاب تاب.

سبحان الله چئي ڪيو مون عشق جو آواز هي،
سونهن جا سجدا ڪري، سائين سچو من ساب ساب.

علم و عقل کان ٿي الڳ، ڏي عاشقي جو امتحان،
درس دوئي دور ڪر، سُک برهه وارا باب باب.

پيار پيالا پر ڪري، شفتين مان شاهي شراب،
آب ڪوثر کان ڪر، 'عارف' لبن جو لاب لاب.

O

رهيو دم دم آهي دِلبر، سندي ديدار سان مطلب.
دُنيا ساري سان ڪمڙو ڪم، منهنجو دِلدار سان مطلب.

سنڀالي جو جهان سارو هلي جنهن عام اوتارو،
آهي ڏيهہ کي ڏيڻ وارو منهنجو ڏاتار سان مطلب.

هجي خاڪي يا ڪو ناري، تڳي سيڪو تنهنجي تاري،
يتيمن ساڻ جنهن ياري، منهنجو تنهن يار سان مطلب.

آهي مالڪ ڏيئي لاهي، رزق ڏاران نہ ڪنهن راهي،
رهيو الله جي آهي، منهنجو اقرار سان مطلب.

خدا جو محب دِل وارو صفت جنهن جي قرآن سارو
آهي محبوب موچارو منهنجو مهندار سان مطلب.

دِلاسا دِلبريون ڏيندو نهاري ساٿ سان نيندو
اچي 'عارف' اجهو ٿيندو منهنجو آڌار سان مطلب.

اکيون عاشق سنديون آهن، عجب ديدار جون طالب.
ڏِسڻ لاءِ ڏيهه ٿيون ڏورين، مِٺي منٺار جون طالب.

اوکي جاءِ تي وچي اڙيون، لاثاني لال سان لڙيون،
گھرن ٿيون گھوٽ جون گھڙيون، مِٺي گُفتار جون طالب.

لڳي ٿيون چار چشمن سان، گُھمن گُلزار گُلشن سان،
ٿيون پالوٽ پرشن سان، پرين پيزار جون طالب.

ڏسيون جلوا پائين جهاتيون، اڱيان ڇيرا ڇنن ڇاتيون،
ڪروڙين قرب جون ڪاتيون، انهي قربدار جون طالب.

’عارف‘ جي ساهه سيباٽا، اچن سي راج جا راٽا،
مِٺا مُشڪي هاٽا، حسن هالار جون طالب.

ٻ

جي سڄڻ سهڻا گهرن، تون سر ڏيئڻ کان ڪين ڪڇ.
حُسنات جي حملي اڳيان، حاضر هينئون ڪر تون نه هڇ.

بادلن و برسات ۾، جي ناز ور نِڪري بيهي،
بوند سنڑهي سان سجوئي، ٿيو وڃي جنسار جهڇ.

مِل مِل بغل مان پيو بکي، هي سامري سارو جسم،
ڪير سهندو هي وري جهلڪار جون جهاڳون جهڙپ.

اهڙي نظاري سان عجيب، اڄ وري ڪوئي ڪنو،
جيئن واندڪائي کان سواءِ، هاري جي آ ڪمڙي ڪرپ.

عشق 'عارف' سور سو نيزو سوري کان مٿي،
سُک سُمهڻ ڪمڙا وري، پيو رُڪ چڙا هر روز چپ.

پ

تون اچين سهڻا سڄڻ، مشڪل ٿيئن آسان سڀ
تو مٿان گهوري ڇڏيان، جاني جسم جند جان سڀ

چانءِ وارن جي هجي ابرو ۾ سجدا روز شب،
مر لڳن سيني سوان نيڻن سندا نيشان سڀ

خار گل گونتا گلابي، غرق غب غب غار ۾،
ماهِرو مختصران مڙئي، ماهڙيا مُٺان سڀ

ڇپڙن سندي ڇرڪي ڇڪڻ، سان چاڪ دِل ٿي وئي ڇري،
مُرڪ اهڙي تان ڪريان، صدقي مٺيا مرجان سڀ

’عارف‘ اڱڻ جي هي اچي، هِنَ عيد کان وڏ عيد ٿئي،
ديدار سان دِل جو ٿيئي، دارون دوا درمان سڀ

○

ت

اج ڪونہ آئين بيوفا گذري ويئي اڌ رات رات.
تون ڪيا نہ واعدا وفا، گذري ويئي اڌ رات رات.

انتظاريون ۾ اوسيئڙا، عشق جا انجام ڏس،
نينهن ۾ اهڙا نفعا، گذري وئي اڌ رات رات.

گهر ڏٺي در ڪان ورائي، داغ دوري جو ڏنئي،
پاڻ تي وينين خفا، گُذري وئي اڌ رات رات.

ڪنهن مهل اقرار عيدون، ڪنهن مهل انڪار اون،
سهندي اِهو جور و جفا، گذري وئي اڌ رات رات.

پوئين پهر تون پساء، 'عارف' اڪين روئي ڏِنو،
سڏڪا پريندي سئو دفعا، گذري وئي اڌ رات رات.

O

دِلربا جي دِلربائي ياد رهندي ڏينهن رات.
سونهن وارن سِڪ سوائي ياد رهندي ڏينهن رات.

ويڇڙو تي واري واري، وار وارن جا ڪري،
سي وصل وايون وفائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

دِل دِلاسا دائما، دِلبر ڪيا ديدار جا،
ديدار درشن جي دوائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

لوڪ سان ڪهڙا لاڳاپا، بس لمح تو لاجواب،
لنؤن سڄڻ تو يار لائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

خوب رو جي خيال ڪان، بس خيال خالي تون نہ ڪر،
خيال خانو ۽ خُدائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

’عارف‘ الاهي عشق ري، ڪنگ، ڪور ڪنهن پاسي نہ ٿيا،
هيڪ واحد جي وڏائي، ياد رهندي ڏينهن رات.

O

## ٺ

هجي يار تنهنجو سدا هٽ ۾ هٽ.
هلون پيا جهان ۾ وفا هٽ ۾ هٽ.

حسين ماه پارا، هي نوري نظارا،
نہ اُن کان مونکي ڪر، جُدا هٽ ۾ هٽ.

ڪريون ڳجهہ ڳالهيون، نيون ۽ نِراليون،
پرين پيار وارا، پڪا هٽ ۾ هٽ.

عجب نين نِرمل پرين پُر پيالا،
چڙهيا خوب تن جا نشا هٽ ۾ هٽ.

وجهي جان جوکي، ڪنيا عشق آرا،
سڄڻ سِر جا سودا، سچا هٽ ۾ هٽ.

سلي راز 'عارف' هي 'موتوقبل' جو
اچي 'انت موتو'، ٿيا هٽ ۾ هٽ.

O

ٿ

هي مسو منڪر مدامي، تيو مري مردار چٽ
بس نه تنهن مان ڪو بچيو، ٿي ويس گهر ٻار چٽ

ويو ڪسي خاني ڪنان، هي خارجي ٿي خوڪ ويو
ڪنهن نه پر پيٽي تيو تيس بدن بيمار چٽ

عاشقن جي دِل رنجائي، اڄ انڌو اوجهڙ پيو
عاقبت تنهنجي ويئي، تيو اندر آزار چٽ

ٻي ڏوهه ڏوهي جنهن ڪيو پيڙا ڏنڊا جنهن ڏيل ۾
پر سندس ڏاڙهي، سندا سڀ وار ٿيا هر وار چٽ

سڀ فقيرن فوج چاڙهي، ويو ’لاشاري‘ لوئجي،
’عارف‘ چئي رد روز ٿيس، علم عقل اظهار چٽ

محب مٺين ميٺ اهڙي، تيون مڙئي ماکيون نہ مٺ
کير کنڊ مصريون مٺين، مڙ مٺائين چاس چٺ

پيار جا پئمان پياري، پيچ پائي منجهہ پساھ
هي اکيون ارواح، انگڙا سڀ کسيا سينهار سٺ

مُحب تون ماهِ لقا، هم سر نہ تو حورون پريون،
سورج چمي سا سرزمين، جنهن پِير پائين يار پٺ

تو ڪنول، تون نازبوءِ، تون چنبيلي گل گُلاب،
تون سارو تن غنچہ گوهر، ٻيا مڙئي گُلزار گهٽ

لاڏلا لوٽن مٺان لامون، ڪري لاڙي چڏيئي،
سي وڏا تو وار واري، هن ڪچي ۾ يار ڳٺ

ڪوهہ ڪُهڻ وارا ڪيپائين، رک قرب ڪاتيون ڪنڌ تي،
وڍِ نہ ويساهي ڪجان، لهي ڪتارن ڪار ڪٺ.

ڪل خوشامد خوبرو جي خونريزي جو خيال،
پر نينهن وارن کي نهوڙي ناز پرور ناز نٺ.

اڄ اکيون ڪن عيد عاليٰ تي قرب وارا تون قريب،
پيرن پٺي پلڪن ۾، پائي کِهہ کَڙينُ جي خاڪ لٺ.

ڪر ملم ميلاپ جو ڪا محب مُرڪي مٺي پيار،
سونهن جي سوالي جو سهٽا خير خواهہ تي خير ڪٺ.

ترس ڪر ترسي هِتي، ڪا رات راٽا پئو رهي،
گڏ هينئن سان هاڻ هينئڙو حال همڙي ڪان نہ هٺ.

لب لال لالڻ تو ڏِسي، 'عارف' هجر اسود چُمان،
ڏي الاهي آب ڪوثر، هن هيڏي کي جام جهٺ.

○

## ٺ

وڏيرن وڏائي وڏائڻ تي وٺ.
رڳو پاڻ پنهنجي پڏائڻ تي وٺ.

پُڄي پوڇڙي ۾ ڪيئن پاٽي يلا،
مُنڍ وارن کي واتر پيچائڻ تي وٺ.

زميندار ظالم ظلم تي لهي پيا،
غريبن کي ناحق ٿاٽن تي وٺ.

خدارا هي ڪنهن کي ڏوڪڙ ڏيئن ٿا،
فحاشي ۾ مايا وڃائڻ تي وٺ.

نہ ڪنهن سوي خاطر هو سرڙو ڏيئن ٿا،
ٿلهو پاڻ سورهيہ سڏائڻ تي وٺ.

ڪندا ڪين پوري پگهارن مان،
پوءِ روز رشوت وڏائڻ تي وٺ.

’عارف‘ هاڻ پٽ سٽ مان پوري ٿئي ڪيئن،
بيگم جي فيشن ڦيرائڻ تي وٺ.

○

ث

عريضو چا ڪريان اظهر اندر احوال جا وارث.
هڙئي معلوم آ توکي، هِن هيٺي حال جا وارث.

آهين ڪل شئي مٿي قادر ڪجا ڪونين ۾ ڪو قرب،
خطا مون معاف ڪر منهنجي، خوباني خيال جا وارث.

ڪيئي ڳُن سان ڪلئي پيدا، تو وٽ ڪائي ڪمي ڪانهي
سدائون سڻ سگهو سائين سجڻ هن سوال جا وارث.

ڪنهن کي ڏين تاج شاهي تون ڪوئي آهي گدا گهر گهر،
حڪم تنهنجو هلي هر جا، تون ئي زر مال جا وارث.

ڪني وٽ زر زمينداري، ڪي پورهيت پيٽ ۾ پورا،
ڪرڻ هرگز نہ هيئن گهرجي، پلائي پال جا وارث.

نوازش ڪر نظارن جي، نگاهہ ڪرم تو گهرجي،
عطا 'عارف' سان ڪر ازخد عجيب خود خال جا وارث.

○

## پ

دِلڙي لائي ۽ ڏکارڻ پوءِ آهي يار پاپ.
ٻاجهہ سان سڀ ٻهارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

ڪٿي تہ اٿين دِل اڏوري ۽ ڪٿي ڦرمار ٿي،
سينڌ سئين سنبل سوارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

نيم خوابي نيڻ نرگس دوبدو ڏاڍا هٽن،
منجهہ ڪجل ڏار ڏارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

پيار گهرندي ٿي پرين کان قطع ڪلامي ٿي ٿئي،
بس اکر اهڙا اُچارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

مايا پنهنجي ملڪيت بہ هوندو زر ضرورت کان سواءِ،
ٻي ڏران ڪا شيءِ اڏارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

گهر ۾ حسين جوءِ بہ هوندي، عادت بُري ڇڏجي ڪٿي،
نار ٻي ڪنهن ڏي نهارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

’نحن اقرب‘ وير ويجهو ڪرم قادر جا ڪرم،
بس دوئي جو ڏيان ڏارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

مان ۽ لَڄ شان ڏيندڙ ’عارف‘ رزق ڏيندڙ الله،
تنهن ويجهڙي جا وڙ وِسارڻ پوءِ آهي يار پاپ.

O

## ج

سچڻ سهڻو جي مِلي سردار منهنجي ڪاڻ حج.
دلربا جي دِل اندر درڪار منهنجي ڪاڻ حج.

عرفات مِنيٰ ۽ مڪي، هي مان وارا ماڳ سڀ،
ديدار محمد مصطفيٰ ﷺ منهندار منهنجي ڪاڻ حج.

نور الاهي نار ۾ جي، نور سمايل هجي،
تنهن سونهن کي سجدا ڪرڻ هر بار منهنجي ڪاڻ حج.

محبوب سان مِلندو ڏسي جي، ڪنهن سڙيل ساڙو لڳي،
پيا لڳن خر خام کي، سئو خار منهنجي ڪاڻ حج.

اکڙين منجهان 'عارف' عجائب شفتين شاهاڻو شراب،
پيو پيئان هر وار تي، مئيخار منهنجي ڪاڻ حج.

ڇ

ڀيڄ مولا ڀيڄ مولا، عوام تي احسان ڀيڄ.
سک ۽ صحبت جو سراسر ساز ۽ سامان ڀيڄ.

دانهون ڪريان تو در متي، دِلدار ڪر ڪا دِلبري،
دردن سندو اي دِلربا، دارون دوا درمان ڀيڄ،

آزيون سُڻي الله تون، اڄ مينهن مُنج ٻي ملڪ تي،
منهنجي عرض احوال تي، مالڪ ڏٺي تون مان ڀيڄ.

هي سلطنتون سربراهيون، تو سنديون صاحب ستار،
جو خير خواهہ ٿئي خلق جو، اهڙو وري انسان ڀيڄ.

ڪڏ ڪفر هن ملڪ مان، عربي جي صدقي تون الله،
جو اسلام جي عزت ڪري، اهڙو سخي سُلطان ڀيڄ،

سوال سُڻ سائين سچا، 'عارف' جي عيبن ڪي نہ ڏس،
ڀرم رک منهنجو ڀلا، احسان ڪر ايمان ڀيڄ.

ور، ورڻ جي وار وائي، ڪر وصل ونهوار اڄ.
تو ڏِني هينئڙو ٿري ديدون بہ ڪن ديدار اڄ.

دِلدار لائي دوستي پوءِ داغ دوري جو ڏئي،
مهرباني ڪري مِلڻ جي ماه لقاءَ منمندار اڄ.

وِڪ وڌائي آءُ وري، ورهين سندا ويچا وِسار،
ويہ ڪريون ويهي دِلين جو واجبي واپار اڄ.

مُنهن ڏِيکاري مار تون، ماٽا ڪري هرگز نہ مار،
ڪر مهانڊبن سان پلي تون، منتي مارو مار اڄ.

ڪم سڏيون سيني منجها اکڙيون مالڪ آرپار،
ديني اندر درمان مند دائم ٿين ڏڪار اڄ.

پيار ساقي سُرخ ساغر، شفتين جو "عارف" شراب،
مر پيئن پيالا پري هي، مست ٿي ميئخار اڄ.

O

ڪرم ڪر ڪل تي قوي ڪونين قادر مينهن پيج،
عرض عاصين جا سٽي الله اڪبر مينهن پيج.

چاڇري تي چوهہ مان، ڪي چوٽ چٽڪارون ڪري،
مُلڪ مُهراڻو مِٺي تي يار ٽر بر مينهن پيج.

پالوٽ ڪر ڪا پارڪر تي ڪڪر ڪارونجهر ڪنڏي،
ڪيٽار ڏهلي، ڏيپلو نروار نگر مينهن پيج.

آڻ عمرڪوٽ تي، ڪي آب اوهيرن سندا،
گرهوڙ آڪڙي ۽ پٿورو ڳنري نبي سر مينهن پيج.

ڏگهڙي پنگريو ۽ سمن سرڪار تي ڪر ڪي سُڪار،
ميرپور ۽ ميرواهہ ستار ساجهر مينهن پيج.

ملڪ سي مالڪ وَسا ٽر جبل ٽاٽا سيئي،
سنڌ ساري منجهہ سُڪر اظهار مينهن پيج.

سوال سُڻ سائين سدا، سرڪار سارا سي ڪرين،
عرض ”عارف“ جا سٽي دِلدار در دي مينهن پيج.

## جهہ

در تنهنجي آه دِلبر منهنجو هيءَ سوال سمجهہ،
آهي اپرو ۽ اڏورو سو سڄڻ احوال سمجهہ

ڦٽ فِراقي، يار ياقي ديد دوناليون نشان،
مونکي جيڪو ڏيو عطا سو سيوئي مال سمجهہ

توسان ڪهڙو سينو ساهيان، ريس توسان ڇا ڪيان،
التجا آهي اِها، ايءَ التجا هر حال سمجهہ

انب نڪين، انگور ڇا، ماکيان مِٺا ڇپڙا ٻئي،
جنهن چکي چس چاشني، سا چاهہ واري چال سمجهہ

’قول‘ ’قالو‘ جي اڙايو، انگ الستي اڳ ڪان اڳ،
عهد سان عهد واري، سا سموري ڳالهہ سمجهہ

پير اوکو آ پنهل جو رڃ رائو جبل جار،
’عارف‘ هن پيچ پنڌ ۾ ٻيا مِريئي خال سمجهہ

ج

حقيقت حال هي سارو هجين هوشيار سمجهي وڃ.
سوا ووٽن وڏيرن کي، ڏِسڻ دشوار سمجهي وڃ.

اليڪشن آ اچڻ واري، ويندا وِڪجي هڙئي هاري،
صفا سستي خريداري، سندو واپار سمجهي وڃ.

چاليهہ سالون جمهوريت چٽ، غريبن ساڻ دڙڪا دڙ
وڏيرن سان وڏا ٿيا وڙ، وسي ونهوار سمجهي وڃ.

موڳا ٿيو وقت هن ورڪر، چٽيو چَپ پيا هٽن چڪر،
وٺي ڪنهن پارٽيءَ جي پر، ٿيئون نروار سمجهي وڃ.

نہ ورڪر اول ڪنهن اٿڪن، سڏو سنئون پوڙتي سٽ ڪن،
سي چنٽيون چاشنيون چٽڪن، سي يخني يار سمجهي وڃ.

○

سڄڻ سينگارجي سهڻا مِٺا منهڙو ڏيکاري وڃ.
مِٺا غم درد جون ڳالهيون، مڙئي ٿن تان ميساري وڃ.

دوا دارون دکي دِل جو، تنهنجي ديدار سان ٿيندو،
مٿي مون داغ دوري جون، دِلبر يار ڌاري وڃ.

ديوانہ ڪر نہ تون دانهون، آهي ديوانگي ۾ ڇا،
حياتي هوش سان پنهنجي، سياڻو ٿي سنواري وڃ.

حُسن تنهنجي ڪري هاڃا، رسايو بس هلاڪت کي،
ڏيئي ڪي جام جوين جا، مئو جيئڙو جياري وڃ.

هي ارڏايون انگل آرا، ڪرين ’عارف‘ اجايا ڇو،
حقيقي حال سان هلندي، اندر پنهنجو اُجاري وڃ.

○

ڪر ملڻ جي مهرباني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ،
درد ڪئي دلڙي  ديواني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

تون اچين اجري  پون اعمال ۾ لڱڙا لحم،
زهر تو ري زندگاني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

منڙا اگڻ منهنجي اچين، ٿورا لکين تنهنجا ٿين،
تو چوان ظاهر زباني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

تون منهنجي مايا ۾ ملڪيت، تون منهنجو مالڪ ڏٺي،
تو بنا هر شيءِ بيگاني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

آهن  پيريءَ منجهہ پرين تنهنجي اچڻ جا آسرا،
توکي بخشي رب جواني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

دانهون ڪريان ديدار لئہ "عارف" اچڻ جي ڪر عجيب،
تو چوان سچ سان زباني، ماهہ لقاءَ پيرو نہ پيچ.

O

## ڇ

اڄ وري محبوب مون وٽ تون ڪري سينگار اچ،
صبح سانجهي سونهن وارا يار اڄ دلدار اچ.

ڳل ڳراٽيون پاءِ پيارل، ديد دوناليون ڪٽي،
وره وارن سان، سُهڻل ٻيا ڪري ونهوار اچ.

واه بادل برسيا ملڪ ۾ مانداڻ تي،
آب اوهيرن اڇل سان، مُند تي ملهار اچ.

لال للڪارن دڙن تي، خوش ٿين ڏڻ ۽ ڏنار،
سيگهه مان ساٿيهه ڏي، سانگي وري سنگهار اچ.

پروسو باري تي آهي. ننگ پرور ننگ پال،
پاڳ سان ڪر پال بيحد. يار اڄ صدبار اچ.

عشق ۾ ”عارف“ اچيو اُڏمان اُٺن، آڏيءَ عليل،
هُن ڪنڌ ڏي سير ۾ ساهڙ ڪري سهڪار اچ.

O

## ڇ

اهو عجائب عشق جا اظهار ٻئي ڪنهن کان نہ پُڇ،
موڙهل منڌل محبت سندا اظهار ٻئي ڪنهن کان نہ پُڇ.

فاعلن ۽ مفعولن مان ڪو نہ ڄاڻن محبتي،
تون نہ سمجهين مون مستي مهڪار ٻي ڪنهن کان نہ پُڇ.

ڀاڻ طبلائي، وري ٻين کي چوين طبلي نواز
ماڻرين تي شاعري پرمار ٻي ڪنهن کان نہ پُڇ.

آدم جي سجدي جو ڪرڻ، فرمان واحد کي وٺيو،
هن سان پلا ڇا هن ڪيو انڪار ٻئي ڪنهن کان نہ پُڇ.

درد و فراق ماجرا، آدم حوا کان وٺ پڇي،
ٿيو هجر ان ڪاڻ هاڃيڪار ٻي ڪنهن کان نہ پُڇ.

ڪوس ڪربل ۾ ٿيا، معصوم ويا سڀ مارجي،
مون کي ماتم کان نہ جهل، مردار ٻي ڪنهن کان نہ پُڇ.

O

## ح

دِلرُبا جي ديد ڏاران، دِل آزاري ان طرح.
بردباري برھ واڌو بيقراري ان طرح.

گهوٽ کان گهورون ڪري، لائن محل جيئن لاڏ ڪن،
مون گهر اچي محبوب جي، هي شهسواري ان طرح.

مند سنهري وِچ سيارو، دِلربا گڏ در بہ بند،
بس سجڻ سهٽي سان گُذري، رات ساري ان طرح.

لڳ لڳن سان پيا لڳن، لبريز نوشي جام جام،
بس برھ وارن کي گهرجي تي، بهاري ان طرح.

هِڪ حويلي هنڌ هڪ ۾، گڏ پرين گوشي نشين،
بس پلنگھ تي ليٽ ليٽان، ۽ پاٽاري ان طرح.

جيئن گهري تي دِل گهٽي، تيئن پڇاءِ 'عارف' اميد،
ور سُٺي آزيون سيپيئي، آھ زاري ان طرح.

○

## خ

نہ موڙي منهن ڪڏهن، گهمر مون ڪنان منٺار پنهنجو رُخ.
پلڪ ۾ تون پساءِ مون کي، پرين ڪنهن پار پنهنجو رُخ.

رهين ٿو راتو ڏيهان تون، حجابن ۽ نقابن ۾
ڪرين ٿو ڇو نہ تون، پڌرو عجب انوار پنهنجو رُخ.

لڳي لُڙن لُڙن اندر لوري، ليڪا پائي لڪين ڇو ٿو
چمڻ ڏي منهن مبارڪ تون، اڇي اظهار پنهنجو رُخ.

لڳن سان يار لڳ لائي، ڇڪون ڪا چاس چپڙن جي،
نٽائي تون نہ ڪر پاسي، نگي نگدار پنهنجو رُخ.

هٽائي پوش ۽ پردا اچي مِل يار 'عارف' سان،
ڏيکارج تون تہ ڪنهن حيلي، هيئڻ جا هار پنهنجو رُخ.

O

## د

ڊِل پيئي دلبر پُڪاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد،
اڄ ڇڏيئي در تان ڌِڪاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

در مٿي دربان جيئن، بس آسري تنهنجي رهيس،
ايندو هئين اڌ رات ڏاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

تو چيو پنهنجي قرابت، قُرب آ تائين قيام،
سڀ ڇڏيئي واعدا وِساري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

پيو جيئان هِن جڳ اندر بس آسري تنهنجي عجيب،
وڃ پُراڻا قول پاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

تنهنجي من جو هينئن تي، تو رهي هاڃون هميشہ،
تنهن ڇڏي جند جان ڳاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

منهنجي روئڻ جي انتها هئي پرچائڻ سان ڪئي تو ڪانہ گهٽ،
اڄ ڪيئي ڇو بي سهاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

در متي هئا، ديرا دميل ديدار جا،
يا تہ پاسي نار واري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

ڏوهہ مون ۾ تيا گهڻا، مِنٿا ڪري تون معاف اچ،
اچ ٿڪس راهون نهاري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

تون حُسن جو شهنشاهہ تنهنجو شاهي شان وڏ،
’عارف‘ پيو تنهنجي پناري، يار ڪر ڪي ڏينهن ياد.

O

تو در اچي دانھون ڪيم، پر ڪا نہ ڪئي فرياد ياد.
تنھنجي سونھن ڳاريا لحم، پر ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

حُسن تنھنجي جا ھميشہ گھاءَ گھٽيرا مون سٺا،
ڪانہ ڪيئي مرھم ملم، پر ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

مون چيو شفتين مان ڏي، آب زم زم جو ذرو،
تو ڪيو انڪار ان دم، پر ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

ويجھي وھڻ لاءِ مون چيو ۽ تو چيو بس ھن طرح،
آھي اِھا لالچ جرم، پر ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

قدم بوسي پيي ڪري، ڪيڏا وِڏا مون واسطا،
توئي ورايا سڀ قسم، پر ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

دِل ڦرايم دِلربا پيا، خيال ويا سارا سيئي،
ڪين ٿيندئي ھي ھڙ ھضم، پر ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

ھاڻ 'عارف' جا ھميشہ مچ انگل آرا عجيب،
گذ گُذار راھہ غم پر، ڪا نہ اٿئي فرياد ياد.

○

## ڏ

عشق جو آچار وڏ، يا ماهرو منٺار وڏ.
جلوه گري جهلڪار وڏ، يـــا جوهري جنسار وڏ.

ڏوئي چنڊي دلبر جڏهن، هو سر ڪلهن ٽا ڪن،
ڳنِ ڪاريهر ڪار وڏ، يا زلف سنبل دار وڏ.

هي پرون محراب جيئن، ۽ منهن سچو ڪعبہ مثال،
جاءِ سجدي ڪار وڏ، يا تيغ و تبر تلوار وڏ.

نين نرگس نيم خوابي، ڪن نهاري نيم خواب،
هي ديدون سندئي ڏوپار وڏ، يا ڪوثر طمار وڏ.

شاهي حُسن جي باغ جو شل باغبان مان ٿي هُجان،
پوءِ منهن چمڻ چسڪار وڏ، يا دور ڪان ديدار وڏ.

دِلربا دندان دُرَ ۽ مُرڪ موهيندڙ مجيب،
خوش ٿي کِلڻ کيڪار وڏ يا جوشولين اظمار وڏ.

چاهِ زڪن جو زيب زم زم، پڙ پيئڻ آيا هلي،
پيار جا پينار وڏ، يا مئڪدو مئيخار وڏ.

زير پھري سيم زر، زيور ضرورت کان گھٽا،
ڪنتمال چندن هار وڌ، يا ڏند سنديئي انار وڌ.

سو ڳچي ۽ چيلھ سنهڙي سنيهار قد سھٽو سئون،
مينڌل ڪبڪ رفتار وڌ يا ڍولڻ هلڻ جي ڍار وڌ.

ڇُمان ۽ چشمن تي رکان پازيب وارا پيرڙا،
’عارف‘ ڇُمڻ پيزار وڌ يا سجدا ڏيڻ سئو وار وڌ.

ڏ

مهرباني ٻي ته وئي، پر منهن مٺڙ منٺار ڇڏ.
نازور نامي سِر تو، ننگ نه هي ننگدار ڇڏ.

ڀروسي ٻي دِل نه ڀرمي، ڀرجهلا ڀر ڀر ٻيهار،
تنهنجا ڀاڪر ڀرم ڀانيان، پر نه هن بيمار ڇڏ.

پيچ پائي منجهه پساهه پيارا، ڪري پاسو نه ڪر،
پرپرو ڪنهن پر نه پيارا، هي پرين پينار ڇڏ.

محب مُرڪي مٺي، پيارج، مد مجازي مون مدام،
مامري ماٺن سندي، مهميز مارو مار ڇڏ.

جيئن گهري ٿي دِل گهڻيرو، تيئن گهرائي گڏ ويهار،
هر گهڙي گُل ساڻ، بلبل خاص خدمتگار ڇڏ.

ڏي اگڻ ’عارف‘ اچڻ، راڻا رهڻ ڏي منجهه رتول،
در مٿي دلدار ٻانهي، هي ٻُهاريدار ڇڏ.

O

ڊ

اندر ۾ عجيبن جي آهي اڪنڊ،
نہ چمڪي سگھي ايئن چوڏھين جو چنڊ.

پرين اڄ تہ پرچي گھڙيون گھاريون،
ملون پاڻ ۾ جيئن مليا کير کنڊ.

ڪٺي نيڻ، نيٽن جا جادو هٽي،
عجيبن اسان لئہ منڊيو آهي منڊ،

مجازي محبت جون ميڄائون ميڄ،
اسان تي وٺي جيڪو سو رک ڏنڊ.

نہ غافل تي غفلت ۾ گھڙيون وڃاءِ،
شريعت، طريقت جا وڃنداءِ گھنڊ.

اميدن جي "عارف" تي جلوه گري،
نڪين مک مياروں نہ ڪي ڏوھہ ڏنڊ.

## ڊ

برھہ جي بدن ۾ رُڳي آ وَڍو وَڍ،
وئي سُرت ساڄھہ سَڄي آ وڍو وَڍ.

سڄو ڏيھہ پرڏيھہ ڏوري ڏٺو پر،
مٿي سر جو سودو اڏي آ وڍو وَڍ

نہ غم ۾ غرق ۽ خوشين جا خُوبان،
لھي لڳہ لحم ۽ ھڏي آ وڍو وَڍ.

پنھل پيچ پائي، وڃي ڪيچ پھتو
ھي ھاڙھي وِندر ۾ وڏي آ وڍو وَڍ.

ڪُلھن تان ورائي وسيھر وراڪا،
نہ دلڙي ڏتاري، جڏي آ وڍو وَڍ.

غمن ۾ نہ "عارف" لڏي سار لالڻ،
غريبن ۾ مايا مڏي آ وڍو وَڍ.

○

ذ

نہ آيو مهل ڪنهن مون ڏي، منهنجي من جان جو ڪاغذ،
تيم سالون سنپاريندي، سندم سلطان جو ڪاغذ.

سڪان ساريان هنجهون هاري، پوءِ واري ڪئي نہ پاڳاري،
اگڙ منهنجي اچڻ واري، مِٺي مهمان جو ڪاغذ.

ڪري دردن اندر دانهون، لکيم خطڙا پري آهون،
نہ آيو ڪو اُتان پاهون، نظر پيڪان جو ڪاغذ.

ناهي جنهن جاءِ چوڻ چارو، جتي ڪاڏو قلم وارو،
روئي رت سان لِکيم سارو، پنهنجي ارمان جو ڪاغذ.

گنگهر گهاريم عمر ساري، پرين ڪئي ڪانہ پوءِ واري،
نہ آيو مهل موچاري، مٺئي مرجان جو ڪاغذ.

نہ آيو ڏوهن حِسابن ۾، نہ پرزور خط ڪتابن ۾،
تيس چالان چشمن ۾، انهيءَ چالان جو ڪاغذ.

نيڻ مان نير وهايان پئي، پلئو پائي پڇايان پئي،
وري من کو واجهايان پئي، برن بوستان جو ڪاغذ.

نہ تيو ميلاپ جو مرهم، چڪي تيا چاڪ هڏ ۾ چم،
وٺان دِلبر اچي ڪنهن دم، دارون درمان جو ڪاغذ.

پريمي پُرلطف پاڪي، رهي هرگز نہ غم باقي،
لکي سهڻو صنم ساقي، پيڻ پيمان جو ڪاغذ.

چاڙهيو جنهن عشق هي چوٽي، آهيان ان جي ڪري ڪوٽي،
مجي محبوب من موٽي، ”عارف“ احسان جو ڪاغذ.
O

ڙ

ٿيس حيران اڄ هٿي هٿي، هينئي جي هار جي خاطر،
پيئي دِل مامري مورهين، مِٺي منٺار جي خاطر.

وِڇوڙي دِل وڍي ويٺر، ورن ٺن واڳڙي واري،
ويچاري ڪيئن وڏين واهون، وصل ونهوار جي خاطر.

آهيان پيٺي تني جي پر، نه پانيان پروسو پيو ڪو،
پلائي پال ڪن پيرو برهه بيمار جي خاطر.

پرين پيارا پسان پلپل، پيارين ڪي پڪون پرچي،
پرانهون پنڌ اچن پاٺهي، پچن پينار جي خاطر.

"عارف" اڪثر هجان ها، برابر پونءَ باغن جي،
اچن ها گُل ڪيئن گڏجي، گُهمڻ گُلزار جي خاطر.

○

تنظيم جي آهي، شجاعت سان شاندار.
ڇا صداقت مان لِڪان، بيحد پلايون بار بار.

ڪِٿ مِليا رستا تلاءَ، ۽ ڪِٿ مِلي روڪڙ زخم،
ڪم غريبن جا ٿيا، الڪا لٿا سڀ انتظار.

راهہ ترقي جي ڏِسي ٿو هي ادارو ڏِسي عجيب،
ميمبر آفيسر هن سدا، آهن سيئي ايماندار.

مس زاهده ڏيٺو ڪنان ڏوٿين سندا ڏک ڏور ٿيا،
غم لٿا غربت وئي مفلس ٿيا سڀ مالدار.

سخناب ڪي ’عارف‘ سڃاڻن، اهل قلم ۽ اهلِ دِل،
اڀوجهہ ڪي ڪمڙي خبر ڪمڙا، تيئن ٿا گل انار.

○

پيا سب نشا چڙهياسون، شوقِ شراب خاطر،
وسريا صنم هزارين نازڪ نواب خاطر.

روحي رڪي ته رايو سيني سڄڻ سمايو
ماه لقاءُ لڪايو منهنڙو حجاب خاطر.

سڄڻ لڪي تي ساريو مرڪي نه منهن ڏيکاريو
پلڪن تي پاند واريو نوري نقاب خاطر.

شفتين ڪيف اعليٰ، نوان نينهن جا نشا نرالا،
پيئون پري پيالا، جاني جناب خاطر.

”عارف“ عجيب آيو پولا لتا مڙئي پوَ
سهٽي سڄڻ کي سئو سئو سجدا ثواب خاطر.

## ڙ

دِلربا دوري ڇڏي دِلدار ڪر مون ڏي مهاڙ.
عيب ڍڪ منهنجا اچي اظهار ڪر مون ڏي مهاڙ.

پال ڪر مون تي پلايون، ٻي نہ پيٽي پروسو
ڪر عنايت آءُ هلي آڏار مون ڏي ڪر مهاڙ.

تو سوا سهڻا سڄڻ، ساعت سري هرگز نٿي،
سار لهہ سائين سگهہ، صدبار ڪر مون ڏي مهاڙ.

ڪر مِلڻ جي مهرباني محب مُرڪي مان رک،
مُنهن ڏيکاري ماهرو منهندار ڪر مون ڏي مهاڙ.

پيچ پائي يار پهرين، پوءِ پرين پاسا ڪرين،
'عارف' نهاري نينهن سان، نگدار ڪر مون ڏي مهاڙ.

## ز

عشق جي آڙاهہ ۾ عاشق هٽائي روز روز.
پر نہ پرواهہ يار تو ڪيئي پچائي روز روز.

مُلڪ مارن جي تان موليٰ ڪيا ڏڪاريا ڏور ڏور،
سُڪ سنگهارن جي مٿان بادل وسائي روز روز.

سڏ سُٺي سُهٽي جا ساهڙ سير ۾ ساٽي ٽئي،
ڪاٽياري ڪانڌ جي ليلان ليلائي روز روز.

سُور سِرَ تي چائي چادر سسئي پهاڙن پنڌ ۾،
پئي پنهونءَ جا پنڌ پيرا، پرَ پُچائي روز روز.

درد مان دانهون ڪرين دِلدار جي در دادلا،
ناز نخري ساڻ سي روهئون رلائي روز روز.

ڪي الستي انگ ۾ رمزئون رهيل مست و الست،
ڪن سان رندي راز پيو سيني سمائي روز روز.

عشق آ شهباز ’عارف‘، بازي بازن کان کسي،
سُرت، ساڃهہ، سوجهرا، سيپئي وڃائي روز روز.

## س

يوم آزادي جشن جي، سونهن ۾ سُرهاڻ ڏس،
شاعر ويٺا ڪن شوق مان، وهہ واهہ وري واڪاڻ ڏس.

محبتي ميلا متا، ۾ محفلون موجون هتي،
ڪيا قريبن قرب ڪيڏا، قرب وارن ڪاڻ ڏس.

ماڻهو سارا مان وارا، هت هلي آيا حبيب،
ٿيو عجيبن جو اچڻ، من تان ويئي مونجهاڻ ڏس.

ملڪ وارا محبتي، ۾ مان ڪيڏو ملڪ جو
اڄ مندن تي مينهن موجون، ۾ مندل مانداڻ ڏس.

'عارف' عجيبن جي اچڻ سان، ٿيا صفا شاهي شتاب،
جا بجا بجليون بتيون ۾ چوطرف چانداڻ ڏس.

○

ڳجهيون ڳالهيون ڳڻن واريون، ڳايو پئي يار ڳائيندس.
نِسورو نينهن جو ناتو نماڻي تي نڀائيندس.

ڏِسي تنهنجي پاڪ پيشاني، لڳي حورن کي حيراني،
سجڻ جي سونهن جا ثاني، قمر ڪوڪن نہ پائيندس.

سجڻ سنئين سينڌ سينگاري، وڌئي وارن جا واري،
ڪِلڻ ڪان تو چڏيو ڪاري، روئي توکي ريجهائيندس.

گنگهر پيا ڏينهن گهاريندي، تو لاءِ نِڪريو نهاريندي،
هنجون هر روز هاريندي، پلئہ پنهنجا پسائيندس.

مِٺا موتي سندا داڻا، رهاڻيون روز ڪر راڻا،
اڱڻ ايندي چڏي ماڻا، مِٺا عيدون ملهائيندس.

چَمَر چاڱون چپر ٽيندين، دِلاسا دِلبريون ڏيندين،
محب مِنڙا مِلڻ ايندين، ويهي هنجهہ ۾ ويهاريندس.

ڳراٽيون ڳل ڳچيءَ پائين، لڳن سان لال لڳ لائين،
اول 'عارف' آخر تائين، سجڻ تنهنجي سڏائيندس.

○

ش

چڏي ڏي محب تون ماڻا، مون کي ماريو تنهنجي رنجش.
اچڻ جي ڪانہ ڪيئي ازخود، اندر ڳاريو تنهنجي رنجش.

رسي جنهن دم ويئين راڻا، ويئو آرام اکڙين جو
ڪائڻ پيئڻ ويئا وِسري، کِلڻ ڪاريو تنهنجي رنجش.

ايندو هئين ڪاڪ تي ڪاهي مَيو مَهري مُهارن سان،
مِلڻ مهلون وساريون تو، تاڻو تاريو تنهنجي رنجش.

'عارف' هئا مچ محبت جا، عشق ۾ ڪانہ آيري تيس،
پلا هي بي رُخي ۾ بس، بدن ڳاريو تنهنجي رنجش.

ص

گڏ رهڻ جي راءِ راٽا، ڪر رهائش راس خاص.
درد دِل جا تو سڻايان، کولي خبرون خاص خاص.

قياس دِلبر ڪون ڪيئي، محب مارينديِ مِٺا،
جي هنئي ديدون دوناليون، سي بندوقون باس خاص.

باغبان مونکي رهاءِ، پنهنجي پلاري باغ ۾
رُخَ تنهنجو بوستان ارم، هبڪار هر هر واس خاص.

پال تنهنجا لک پلايون، پر پلا پر ۾ بيهار
هاءِ گهوڙا ڪا گهڙي پيارا، رهائين پاس خاص.

زابر زخم آهن اندر ۾، ڪنهن کي سڻايان پاس خاص.
تون وڍيندڙ ويچ تون، ڪورين تون تن تان ماس خاص.

ايا عجيبا در اوهان جي آهي 'عارف' التجا،
دم حياتي جا پڄن پيئندي چپن جي چاس خاص.

○

ض

آهي هر ڪنهن حال ۾ الله اڪبر ڪي عرض.
پيو پيلا ڪمڙو ڪريان ديوار ۽ در کي عرض.

ڏيهه جو ڏاتار هِڪڙو ڏان تنهن کان تو گُهران،
پيو پيلا ڪمڙو ڪريان سلطان سڪندر کي عرض.

هڪ وحدهٗ وارث وسيلو ۽ وسيلا بيا نہ تو
دربدر ٿي ڪونہ هاڻي شهر بازر کي عرض.

هر جاءِ حڪم تنهنجو هلي، هر جاءِ حُسن تنهنجو حبيب،
جڙتو سيئي جام جايون، محراب مندر کي عرض.

ويا لهي اُلڪا اندر ’عارف‘ اڳِڻ آيو عجيب،
سؤ دفعا سجدا ڪيم، سردار سرور کي عرض.

○

## ط

مه لقا محبوب ايئن پيرو پڇڻ آهي غلط
وره وري وارث سگهو تون، مُنهن مٽڻ آهي غلط

دائما دِل دام جنهن جي، تنهن کان دوري در گذر
دِلبر اڳيان دعويٰ سندو بيو دم ڀرڻ آهي غلط

نينهن جي ناتي چڙهي، نوري نظارا ماڻجن،
ناز نيڻن جي نگاهن، کان نسڻ آهي غلط

وير ورنهه ويجهڙي ڪي، ساڻ ويسهه ڪڏ ويهار
وير وحدت ۾ وڃي، واپس ورڻ آهي غلط

سر سڄڻ جي سام پيو سهڻو سڏي سوري مٿي،
’عارف‘ الاهي عشق ري، اوجهڙ اچڻ آهي غلط

سجڻ ويا سال گُذري ڳچ، نہ آيو يار تنهنجو خط
اِهو من تي ٻري ٿو مچ، نہ آيو يار تنهنجو خط

توکي ڪنهن ڇفل ڇوريو يا، پاڻهي تو ڪئي نہ پوئواري،
ڇوان سهڻا سجڻ ٿو سچ، نہ آيو يار تنهنجو خط

ڏني ڪي ڏينهن ٿيا، ڏاڍا نہ آئين تون اڱڻ منهنجي،
هٿا ڪي ڪوڙ مون ۾ ڪچ، نہ آيو يار تنهنجو خط

پري هئي پوسٽ توکان، يا قلم ڪاغذ نہ هٿ آئيي،
لفافي تي گهڻو ڪو خرچ، نہ آيو يار تنهنجو خط

’عارف‘ ايندين تہ ٿيندي آس، پوري مون سندي سائين،
آهي مون ڪي نہ ٻي لالچ، نہ آيو يار تنهنجو خط

## ظ

لڳا ديدار تي پهرا، نظارن جو خداحافظ
وريون وائون جَهڪون جهولا، بهارن جو خداحافظ

حُسن هر جاءِ حاضر آ، حڪومت ڏس حسنين جي،
پانئي تو هر ڪو پورل ڪي، ۽ ڪارن جو خداحافظ

وچائي وڙ سيئي ويتر جويون ڪن جنگ ۽ جهيڙا،
اهڙي جُٽ ڪان بچيل تورا، هزارن جو خداحافظ

گلابي گُل ڪندا گڏجي، پيئن تا آب هِڪ ئي سان،
گُلن جي پالنا ناهي، تہ خارن جو خداحافظ

ڪڏهن ڪنهن دم ڪنهن جي پاران، اکيون ۽ هٿ ڳالهائين ٿا.
مِلن جو روبرو جهٽڪون، اشارن جو خداحافظ

مِلڻ جي مهل ۾ 'عارف' ڪنهين دم محب ماڻا ڪن،
باقي اڄ ڪلهہ سياڻي جي، سهارن جو خداحافظ

○

## ع

محبوب کان مرهم مليو، مرضن ڪئي بس الوداع
ڏوڪڙا سڀ ڏور ٿيا، ڏوکن ڪئي بس الوداع

مند ملهاري مُلڪ موريا، هر جاءِ ٿيا سانوڻ سُڪار،
ٿيا ڪاشتڪارن تي ڪرم، قرضن ڪئي بس الوداع

قرض و مرض ڪل معاف ٿيا، غربت ويئي گوندر گهٽيا،
در کُليا ديدار جا، دردن ڪئي بس الوداع

ٻاجهه واري ٻاجهه ڪئي، سائين ڪي ڪيا سانگين سوال،
هر جاءِ آباديون اپر، الڪن ڪئي بس الوداع

رحمان تنهنجي رحم سان آسوندن آسون پُنيون،
روڄ راڙا بند ٿيا، سڏڪن ڪئي بس الوداع

هيڪڙن جو حڪم هڪدم، ڪيو وري هادي حڪيم
واه وه ويساهه سان وهمن ڪئي بس الوداع

لبريز لب نوشي ڪري، ”عارف“ ٿيا سي آبوَر،
خوش خيال سان خوب ٿيا، خامن ڪئي بس الوداع

# غ

توئي يڪي سر يار جي بس، يار ياري باغ باغ.
با وفا تنهنجي هميش، بردباري باغ باغ.

تون اچين عيدون ٿين، جو دم جُدا سو دم عجيب،
برهہ ۾ جيڪا ٿئي ٿي، بيقراري باغ باغ.

تو چيو انجام تي، ايندس وري اُميد رک،
آمد انهي جي دِل اندر ۾، انتظاري باغ باغ.

تنهنجي ملوڪت ساڻ منهنجو مانَ ٿيو سڀ ملڪ ۾،
ذوق تنهنجي جي اندر ۾، زرنگاري باغ باغ.

روبرو روئي پوان، جي لُڙڪ هي زارو قطار،
ڇا عشق تنهنجي ٿيئي سان، اشڪ باري باغ باغ.

شب روز تنهنجي شوق ۾، ها نہ مِليا تہ بہ شان وت،
تنهنجي خدمت ۾ هجان بس، خلب خواري باغ باغ.

اڄ قريبن قرب جا، پاتا قدم 'عارف' قريب،
آئي عجيبن جي اڱڻ تي، شهسواري باغ باغ.

O

## ف

منهن ڏِسڻ محبوب ڏي، رُخ تان هٽاءِ گهونگهٽ غلاف.
عاشق اچي ان جاءِ ڪن تا، طلب وارا ٿي طواف.

پيار درسن سان پرين، دِلڙيون قري دوري نہ ڪر،
محبت سندو بس ڪونہ ٿيندئي، محب اهڙو ڏوهہ معاف.

پير پيادي پهچ ناهي، پهچ پيارا تون اچي،
قرب ڪر چو ٿو ڪرائين، هي ڪشالا ڪوهہ ڪاف.

احد احمد پاڻ ۾، ڪانهي بيائي ڪا ڪِٿي،
بي دين سمجهين دور تون، هرگز لباڙون هڻ نہ لاف.

عشق جو اولو وٺي، 'عارف' عجيبن ساڻ اور،
سونهن کي سجدا ڏيئي، صوفي سڄاڻج سئير صاف.

○

## ق

رک دوستي جو ڏيان، اندر ساڻ ديگر تون نہ واقـ.
عشق جون ڳالهيون ڳجهيون، محبتن جو مظهر تون نہ واقـ.

دلدار دِل منهندان اچي تو هل ڪرين ها چو نہ پوءِ،
محبوب سان مِلندو ڏِسي مُردار مُنڪر تون نہ واقـ.

منهن چڙهي محبوب کي، مائٽ پلي مِٺا ڏيئن،
پس گلا غيبت ڪري گم گمنام گازر تون نہ واقـ.

سگ سڄڻ جا دگِ جهليو تو دربدر دانهون ڪرين،
بس تلها تانتا وري، اڄ توس تانگر تون نہ واقـ.

سهڻو سڄڻ مون سان ڏِسي، ساڙو لڳئي تہ بہ سور سانڍي،
بس پُري پورا نہ ٿي بيڪار بازر تون نہ واقـ.

'عارف' عشق الله ۾، تون شعر شاهاڻا بہ لِک،
بيا ڪري گُفتا غلط، شيطان شاعر تون نہ واقـ.

O

## ق

منجهان قيس مجنون بنايو عشق،
منصور سوري سڏايو عشق.

چڏ ماڳ مسند هي مرليون کٽي،
تاج تخت رانجهن کي چڏايو عشق.

کيا سڏ ساهڙ کي اچي سير ۾،
ميهر منجهہ درياءَ ملهايو عشق.

پنهون هو شهنشاهہ والي ڪيچ جو،
کتي خاص تنهن کي ڪرايو عشق.

مومل هئي مجازي سدا مام ۾،
اچي ان کي آڙاهہ چڙاهيو عشق.

برهہ ۾ بَروو هو ٿيو ڪامياب،
سچو ماس تن جو ڪاپايو عشق.

پوريءَ ڪاڻ ڏسو ٿيو قل فقير،
درد منجهہ در در پنايو عشق.

سيفلُ ڪاڻ بديعل بيراڳي بَنيو
سچو ساٿ 'عارف' لڙايو عشق.

## ڪ

مون سخن سُهڻا سيکاريا، تو سچڻ سنيهار سڪ.
تون هُجين هردم هيئن حاضر، هيئين جا هار هڪ.

پيا سڪڻ سوراخ سيني، سار سنڌ سنڌ مان ويئي،
دردن سندا دارون ٿيو پياري پرين پينار پڪ.

ذوق ۾ زاريون ڪيم، تہ بہ ڪرين زورايون،
عرض اظهاريون اڳيان تو لالڻ ڪريان ڪهڙي مان لڪ.

درد دوري ويو وڌي، ڪو ڏي دلاسو دلربا،
در اڳيان دربان ڪي، ڌاريون ڪري دِلبر نہ ڏڪ.

تنهنجي اچڻ ساڻ هي، اڱڻ 'عارف' سندا اُجري پون،
تو لاءِ سچڻ سهڻا ڪيا، مون نير واهي نيڻ نڪ.

سنسار ۾ سهڻا گهڻا، پر منجهه هينئن تون يار هڪ،
دِلربا درسن ڏيئي دلدار در تان تون نه ڌڪ.

ڏِسي تنهنجي سچڻ صورت، پيا سالڪ سجودن ۾،
ڇڏي مسجد مندر موٽيا، پرين تنهنجي پيئڻ لئه پڪ.

ڏيئي پيارَ کو پهرين تون، رئاڙيئي رندن چو مون،
تو لاءِ نير واهي اڄ، ڪيم پڻ نيڻ پنهنجا تڪ.

ناهي جي پردو پرور کان، پرائن کان ڪهڙا پردا،
سرِ بازار مِل سهڻا، لوڪ کان آ ڪهڙي لڪ.

قرب وارا ڪرين چو تو اچڻ ۾ دير ڪا دِلبر،
سگهو سينهار مل سهڻا، سهي 'عارف' نه سگهندو سڪ.

O

دِلربا دوري نہ ڪر، آ تنهنجي درشن جي درڪ.
محبت اندر آهي مرڻ، هروار مشتاقن مرڪ.

ڪو مِلڻ جو مهل جنهن، مرضي پوئي ايندس اتي،
بس اونداهي رات ۾، لانگها لتاڙي لوڪ لڪ.

توسان ناتو نينهن جو بس هو ازل کان ئي اڳي،
پر هتي هٽي ڏاڙا دِلين جا، ڪو ازل کان ئي اِڪ.

دويدو ڏاڙي جي خاطر، دِلبر دوناليون ڏارين،
ڪير سهندو ڪونہ ڪو دِلربا ديدن جا ڏڪ.

’عارف‘ اول اعلان هو الله جو اهڙي طرح آدم کي،
سجدو هي سچو ناهي، شرڪ تنهن ۾ ڪو شڪ.

ميم در بر ڪيم ڪر دلدار پنهنجو دردناڪ.
تنهنجي حُسن ڪيئڙي چري هي دِل ديواني چاڪ چاڪ.

شعاءَ شمع تنهنجي مٿي پروانو هي پچندو رهيو
حسنات جا حملا ڪندي ڪئي، جسم سارو هي هلاڪ.

زير سهري سڀ محبتون ٿياسون ضرورت آهر زم،
پئي قدم بوسي ڪئي سون پيش قدمي ڪي ڪلاڪ.

ماٺ منهنجا ڪر مِٺا ۽ عرض ڪر منهنجا قبول،
اکڙيون چُمان ۽ لب چُمان ۽ چُمان هي پير پاڪ.

عرض 'عارف' جا سُٺي، ساڳي سنگت ڪي تون سينار،
ٿا رهون هڪ راج، پنڌ، جا ٻه ٿي بلاڪ.

O

## ڪ

بي عقل سان دوستي ڪرڻ جو آسرو ئي نہ رک.
بيوفا کان وفا وٺڻ جو آوسرو ئي نہ رک.

قدرت سان جيڪڏهن گڏهہ تي سونا سنج تي پون،
تہ هن کي گهوڙي چوڻ جو آسرو ئي نہ رک.

ادب ۽ اخلاق نہ مِليو دولت مِلي تہ ڇا ٿيو
دُنيا ۾ بخيل ۽ ظالم تي رهڻ جو آسرو ئي نہ رک.

شان ۽ مان وارن کان، مان مِلي ٿو ضرور،
بي عزتي کان، عزت مِلڻ جو آسرو ئي نہ رک.

'عارف' طالب ٿئين تہ شاهہ جو ٿي،
ٻي ڪنهن کي مڃڻ جو آسرو ئي نہ رک.

○

## گ

ڪوئي نہ ساٿي ڪنهن سان سنگ، واهه زمانا تنهنجو رنگ،
واهه زمانا تنهنجو رنگ، ڪوئي نہ ساٿي ڪنهن سان سنگ

ڪوئي نہ ڪنهن جو آهي ياٽي، ويتر ويئي وڌي وڌائي،
ڪري ٿو هر ڪو پنهنجي پڏائي، ناحق جوٽيو وتي جنگ

ڪلفت ڪاهي پئي گهٽيري، ياءُ ٽيٺو بس ياءُ جو ويري،
هر ڪنهن سوڙ آ پاڻ ڏي سيري، ويرين پاتا ڏاڍا ونگ

شاعر ٿي ويا لک ڪروڙا، گهاءُ نہ دل ۾ گهوڙا گهوڙا،
ڪي تہ گهمن پيا جوڙا جوڙا، ڪن جي ڪارڻ پينگ پڙنگ

سنبري نڪتا سر اگهاڙا، جوان جسم ڪي مرد ڳراڙا،
خالي ڪيسو هٽن لباڙا، عشق جو بينا چوري چنگ،

”عارف“ مات تون ڪر مولائي، آهي سونهن ڏسڻ جي سب سولائي،
عشق ۾ ڪانهي ڪا اولائي، هر شماعون هر پتنگ

O

## ڳ

تيو محب مهمان اچي هن ماڳ.
ڪيا ڀاڳ ڀورل ڀلارا تيا ڀاڳ.

تيا بخت بالا بزم جون بهاريون،
سريو هو ڪنهن ساعت سڄڻ جو مهاڳ.

عجيبن اچڻ سان تيون عيدون اپار،
سريو ديد دائم ويو اُڏري اڀاڳ.

جني لاءِ سڪيا تي هينئون ماه هڏ،
وڻائين مِليو تن وصل جو ويراڳ.

’عارف‘ هي اُميدون پُنيون من اندر جون،
آيو دوست دِلبر رهاڻيون راڳ.

## سگهہ

توکي دلربا ملائڻ جي سگهہ
گوندر غم منهنجا گهٽائڻ جي سگهہ

ڪيئي قول ڳڌجي ڳُذارڻ جا هردم،
توکي آهي واعدي نڀائڻ جي سگهہ

اڱڻ آءُ پيارا پري ڇو ٿو گهارين،
توکي آهي پر ۾ ٻهارڻ جي سگهہ

ڏکويل کي ڏکڙا ڏيڻ جا نہ ڪر تون،
اٿئي غم گوندر مٽائڻ جي سگهہ

نہ ساعت سري ٿي سِگهو آ سڄڻ تون،
توکي آهي ويڙهي وسائڻ جي سگهہ

’عارف‘ اُميدون ڪر پلڪ ۾تون پوريون،
توکي آهي دانهن انائڻ جي سگهہ

○

## ڳ

ٿي ڪيئن عقل ساڻ نادان جو سڳ
مگر پوءِ بہ محبوب جند جان جو سڳ

وٺي توکي جيڪي، ڪرين جيڪا حڪمت،
هلي هر جڳہ تنهنجي فرمان جو سڳ

اچيو زلف جڏهن تا اُلٽن ڳلهن تي،
اچي آزمائش ۾ ايمان جو سڳ

ڪريو يار پيرو اسانجي اڱڻ تي،
ٿي ميزباني ۾ مهمان جو سڳ

چئي 'ڪن' تو جوڙيو هي جنسار جاني،
'الستي' اُتاهون سندئي شان جو سڳ

مٿان عشق 'عارف' آ ديرو ڄمايو،
نظر ناز سان آهي نيشان جو سڳ

○

## ل

هرجا حسين حاڪم، هرجا حُسن جو هُل هُل،
رُخسار چهرو احمر، گهرو گُلاب گُل گُل.

جهلڪار جسمي جوهر، اظهر عجيب عاليٖ،
منهنجو حبيب هيرو ناهي مٽيئي جو مُل مُل.

سُهڻي صفات صورت، محبوب ماهہ بدري،
شفتين لب سراسر، لبريز ڪيف قُل قُل.

درمان درد مندن، ديدار دم جو دائم،
دِلبر جي لاءِ سِڪ دِل، گُلزار ڪاڻ بُل بُل.

مالڪ جي گهر جو مالڪ، 'عارف' علي ازل کان،
حامي حشر ۾ ٿيندو هسوار يا دُل دُل.

O

محب توسان محبت ڪرڻ بيمثال،
هٿن سان حرڪت ڪرڻ بيمثال.

سندو مان محبن مٿي ملڪ ڪان،
عجيبن جي عزت ڪرڻ بيمثال.

حسينن جي هر دم ڪجي حاضري،
نجيبن سان نسبت ڪرڻ بيمثال.

محبوبن جي محفل منجهان ٿي انهي دم،
رقيبن کي رخصت ڪرڻ بيمثال.

'عارف' عاشقن سان معشوقن جا ميل،
سڄڻ سان صداقت ڪرڻ بيمثال.

○

ساز سارنگ سرس سهڻا، صد هزارا هون شال،
سبز سيمون سڀ ٿيون، پر سالم سڌارا هون شال.

هي اشارت عشق جي، ڪئي تو عطا عبدالڪريم،
عاجزن جي ڪاڻ، اڳتي اي اشارا هون شال.

مند ملاري ملڪ موريا، مهل هن مانداڻ هئا،
هر ولايت تي وري، وڄڙين جا وارا هون شال.

تنهنجي دُعا سان ديس، هر ڪنهن تي ديانت ڪئي ڏٺي،
دِلبريون ۽ دم دِلاسا، اي دوبارا هون شال.

آب اوهيرن اڇل سان، عام آباديون ٿيون،
باغن بهاريون بزم باليِ، منجهه گُلشن گلزارا هون شال.

طالب الدنيا ۽ عقبا، ساڻ تنهنجون صحبتون،
پر ورهه وارن ساڻ، تنهنجا وڙ واڌارا هون شال.

مير محمّدﷺ جي مهابي، مڄ منت مفلس سندي،
ٻول تنهنجا ٻي طرح، ٻيهر ٻاجهارا هون شال.

پيٺ پوڄارين جي پارت، توکي پرين پيارا هجي،
پرت وارن ساڻ پيوند، تنهنجا پيارا هون شال.

جيئن چيخندي آئون تي چوان، تيئن تون مچج مالڪ مُدام،
تہ نينهن وارن ڪاڻ، نئين سج نوريءَ نظارا هون شال.

جيئن تہ ڪنڍن جون قطارون، واهہ ڪڪرن ويس وڌ،
تيئن سينڌ نئين سنبل، سنواريل قيس ڪارا هون شال،

جئين تہ اَبرن ۾ عجائب، آهہ اُجريل انڌلٺ،
تيئن پرين جي پارچن، ڪئيچن ڪنارا هون شال.

جيئن تين گجگاهہ گوڙون، نيس دِل ڏاڍا نڪا،
تيئن حڪم حسنات سان، ابرو الارا هون شال.

جيئن وسن ٿا وڏ ڦڙا، آڪاڙ سانوڻ ۾ ابر،
تيئن نجيبن ڏي نهاري، نيڻ نارا هون شال.

جيئن تنهنجي ديا هر ديس تي، پر سنڌ ساري تي سُڪار،
تيئن وصال يار جا، هر وار وارا هون شال.

جيئن پلر پالوٽ ڪئي، يوپي ڪراچي ۽ بنگال،
تيئن مجازي جا قدح، لبريز سارا هون شال.

جيئن ٽيا سيلاب ڪان هئا، بيگناهہ برباد ڪئين،
تيئن طالبن مطلوب منجهہ، محبت جا مارا هون شال.

جيئن بوند برسي ڪيون بهاريون، ٽر بر پِيئڙا پچي،
تيئن چال چوڙيلن سندا، چيمي تي چارا هون شال.

جيئن ڏنارن جون دڙن تي، للڪار لاتيون لوڪ گيت،
تيئن دردمندن دِلفريبي، نظم نيارا هون شال.

جيئن ڪير ڏُڌ ۽ پيون خوراڪون، خلق ڪايو خوش گهمي،
تيئن وٽيون وصلات پي، مانجهي متارا هون شال.

جيئن گرڙ گولاڙن سنديون، وڻ ڪي وليون ٽيون ويڙهجن،
تيئن ڳل ڳراٽيون ۽ ڳچي، ۾ زلف ڳارا هون شال.

جيئن ازل جي ڏينهن ڪان، روحن ڪئي گڏجي رهاڻ،
تيئن تني ڪي هت سريا، پورا يا ڪارا هون شال.

جيئن عام لاءِ عيدالفطر، يا عيدالضحيٰ تي اچي،
تيئن سوزِدِل ستاويهن رجب، جيئن سال ساراهون شال.

جيئن ٻڌي حُب جون هَڙيون، حاجي هلن حرمين ڏي،
تيئن طالبن جا تار ٽيل، طلبن طيارا هون شال.

جيئن مڪو مينا، مزدلفو ۽ عجب عرفات تي،
تيئن وڏڪ وھ واھ اچان، مدني منارا هون شال.

زاهدن آهي ضرورت، بهشت حورن بي حساب،
تيئن برھ وارن سر برابر، ٻئچون ۽ ٻارا هون شال.

جيئن لوڪ ساري کي لڳي، ڏس لوپ واري لوچ پوچ،
تيئن مٺي سندي مٺخان ۾، ترسيل سيارا هون شال.

جيئن منجھ مِسڙ ماھ لقاءِ، تون مولوي عبدالڪريم،
تيئن مونجھ وارن تي، مسلم من مڙ موچارا هون شال.

جيئن آئون ڪميٽي ڳوڙي، تو در ايمي دانهون ڏيان،
تيئن مهر ڪر ميچ مون سندا، جي انگل آرا هون شال.

فيض تنهنجي سان، فقر فاني فنا ٿيندا فراق،
سرڪار در تنهنجا سخن، ثابت سچارا هون شال.

مورت سندي محلات مان، ٿو محمدي مذهب ملي،
پائي زلفن ڳل ڪمند قيدي قرار هون شال.

ڏي اجازت تون اچڻ جي، پنهنجي قدمن وٽ قريب،
تان قدم بوسي ڪري، بي زر پلارا هون شال.

هڪ پروسو باري مٿي، ٻيو پروسو آهي پلن،
تنهنجي پر ۾ پڙ ٿين، ۽ پاڳ وارا هون شال.

تون پاڪ پرور جي مُهابي، سڻ پاڪ پنجتن لڳ پُڪار،
تنهنجي نظرن ساڻ، ناقص نام وارا هون شال.

مُون مَرڻ جي مهل ۾، محبوب تون موجود هج،
ساڻ درشن دم پچڻ، تنهنجا تمهارا هون شال.

تون سچڻ ڪِج ساهه سوگهو سَنڌَ سِري ثابت سميت،
مر ملائڪ جا مٿم، مورهين مارا هون شال.

قرب سان منهنجي ڪفن ۾، ڏجو يار گيسوئن غلاف،
تن پسي ٽيندا پري، جي پڇڻ وارا هون شال.

پاڪ ڪلمن جي پڙهڻ سان، پُل صراطون ٽيون پري،
ڇا ڪندا ميزان محشر، دِلبر دِلارا هون شال.

ڏوهَن سنديون پُرزا پٽيون، مورهين ويندين ميسارجي،
سامهون سڄڻ جي سونهن جا، سالم سيپارا هون شال.

پر نہ پرکي هي پروليون، ڪاڻ ڇَتڙڪ چيز هي،
جنهن ۾ سمايل سونهن، سرور جا ستارا هون شال.

وِچ اورانگي اوريان، اڳتي عجيبن وٽ اوطاق،
’عارف‘ عدم ۾ عارفن ازخود اوطارا هون شال.

○

۾

ڪيو ديدن عجب دِلبر، سندو ديدار رستي ۾،
ويراڳين سر وڍڻ خاطر، ڪيائين وار رستي ۾.

ڪيائين ڪت، لهي ويا ڪٽ، لاٿائين ڪٺ ڪٽاري جو،
ڪُسيا ڪونڌر ويا ڪيهر، قتل جي ڪار رستي ۾.

تبر تاري، پيو توڙئون، نہ ڪيائين ترس تِر جو ڪو،
خوشامد خونريزي جي ڪِلي، ڪيڪار رستي ۾.

ملائڪ کي موٽائي، پاڻ مارڻ لئہ بنيو ماري،
نہ مورهين موت کان بچندا، مدامي مار رستي ۾.

نہ ڪنهن دم قياس ڪو ڪنهن تي، روئڻ ۽ روڄ ۾ راضي،
لُڇي ڪيئن لال پيا، ليٽن برهہ بيمار رستي ۾.

’عارف‘ ايندو اڏي تي ڪو، سنيالي سر صفا سورهيہ،
وهن پيا روز جِت رت جا، نديون ۽ نار رستي ۾.

○

هليو محبوب اڄ مون سان، روان تي راهہ رستي ۾،
هينئون ۽ حال هٿ ڪيائين اکيون ارواح رستي ۾.

دوئي کان دور تي داناءُ ڇيو سهڻي سنيالي هل،
ڪچان ڪنهن پر وڃان ڪاڏي، ڪيائين ڪاهہ رستي ۾.

منجهان سُر پُر ڇيو سُهڻي، صفا صورت سُڃاڻي وٺ،
رکي معنيٰ سندي مورت جي، آيو الله رستي ۾.

روئندل کي ريجهائڻ لاءِ، پرين پيوند پاتا پرچي،
ڪيون موٽي مهربانيون، منور ماهہ رستي ۾.

چڙي ٻيڙيون ٻيائي جون، ٻڌي توڪل سندو ٽُرهو،
وڏي وياسون ويراڳي تي، چڙي ملاح رستي ۾.

’عارف‘ اظهار تي آيو رکي آدم سندو اولو،
انهي سرڪار سان سرتيون، سبيو ٿم ساهہ رستي ۾.
(

## ن

هي دنيا جو ڇھڇٽو ۽ يار ياري چار ڏينھن،
جھولا سيارا ۽ اونھارا، بس بھاري چار ڏينھن.

ڇا عزيزن جي عزازت، ڇا قريبن جو قرب،
ڪوڙي خوشامد ڪيل، جيئن آھي مداري چار ڏينھن.

بيعزتي ۽ بي حيائي، مونجھ مايا ۽ ملول،
قيام سيئن ڪاراڻ منھن تي خلق خواري چار ڏينھن.

ھابيل ۽ ڪابيل ڪي ڇا، ۽ ڇا يھودا ڪي سريو
يعقوب يوسف ساڻ ڪئي، يارن غداري چار ڏينھن.

ڏس ڇڱايون ڇڱن جون، پيون ڳوٺ ڳلين ڳائجن،
ظالمن جي ھن زمين تي، ظلم داري چار ڏينھن.

حرص حرص جي ھوڏ تي، ھر وار ھاڃي ۾ رھيا،
سير ھي سارو جھان، ساحل جي ساري چار ڏينھن.

اي! بندا بانور نہ ڪر، تنھنجو نہ تِر ھِڪڙو ھِتي،
ھتُ مياروں مھل ھر ڪنھن، ھِت مياري چار ڏينھن.

ڪر سخاوت جو ثمر، اڳتي سفر جي ڪاڻ تون،
شان شهرت شوق هاٺا، شوقداري چار ڏينهن.

مايا ۽ ڪايا تي ڀلا بس! ڀروسو ڪهڙو ڪجي،
هر ملڪ جو مالڪ خدا، ٻي ملڪ داري چار ڏينهن.

شل جُڙيا جڳ ۾ رهن، 'قائم علي شاهه'، 'بينظير'،
هُئي تني جي حڪمراني، وزارت واري چار ڏينهن.

محبتي مايا نه مورهين، ڪا ختم ٿيندي ڪڏهن،
ٻي تونگري جي تِجارت ۽ ٺُجاري چار ڏينهن.

تاج سر نبوت محمّدﷺ، ملڪ جو مالڪ الله،
ٻيا دُنيا جا بادشاهي، ۽ تاجداري چار ڏينهن.

پاڪ پنج تن جي مهابي، جاءِ جنت جوڙجان،
ڪيم ڪج مونکي ڪڏهن، ڏک ۾ ڏهاري چار ڏينهن.

ڏي شفا شافعي جهان 'عارف' اگهايون عيب لاهه،
ڪين ڏس منهنجي ڪچائي، ۽ ڪواري چار ڏينهن.

سال گذرڻ بعد آيو يار آزادي جو ڏينھن.
جا بجاءِ ٽيئڙا جشن، جنسار آزادي جو ڏينھن.

نينھن ٽيڙا، مينھن ٽيڙا، ڏيھ تان ويڙا ڏڪار،
ڏک ويا سُک سان ڏِنو، ڏاتار آزادي جو ڏينھن.

پيانوي تي پاجھ ڪئي، ڪونين جي قادر ڪريم،
آگسٽ چوڏھين تي ڪيو ڪلتار آزادي جو ڏينھن.

سنڌ، بلوچستان، سرحد، پنجاب تي پسجي پذير،
چئين صوبن کي سريو سينگار آزادي جو ڏينھن.

ڪرم سان قادر ڪيو وڌ مان پاڪستان جو
رب ڪان گھرون ٿا، ھر گھڙي گُلزاري آزادي جو ڏينھن.

ديس واسي ٿي رھون، ڀائر برادر پاڻ ۾،
ھر وار محبت سان ڪريون، سمڪار آزادي جو ڏينھن.

پاڪستان جو پرچم ڪٽي، دُعائون گھرو دم دم دلبر،
’عارف‘ رھي مثل آبرو اظھار آزادي جو ڏينھن.

O

اڄ سڄڻ سهڻي سندئي، سينگار تان قربان جان.
ٻي ٻاجهه جي ٻولي، سندس گفتار تان قربان جان.

اڄ پرين پيرا پري، ڪئي پوئواري پيار سان،
تنهن روحاني راز جي، رفتار تان قربان جان.

دِلربا ديدون اڙائي، من دوا ڪن درد جي،
دائم آهي درسن سندئي، ديدار تان قربان جان.

ماهرو مشڪي صنم، موتي ملاقاتون ڪري،
ڳل ڳراٽيون جي وجهي، منٺار تان قربان جان.

مَنَ اُنائي آهه زاريون 'عارف' اچن اوڏا عجيب،
ورنه ٽين ڪي ويجهڙا، تنهن وار تان قربان جان.

سڄڻ جون صحبتون سرسيون، ٻِلا جن کي سريون هونديون.
تني جون چاهه ۾ دِلڙيون، چوان سچ ٿو چريون هونديون.

پري کان پرتوا پيئڙا، پچڻ سان پريم پوري ٿي،
پتنگ پروان کن پڙ ٿي، پسڻ ۾ سي پريون هونديون.

سڳين ۾ يا ڪيائون سوگها، وسيهر وار وهه وارا،
لکين زندان ٿيا زوري ڳتيون تن جون ڳريون هونديون.

زخم جا چو ٿيا پيرا، چٽيون گهورن سنديون گوليون،
سڏا سوراخ سيني ۾، نڪي واپس وريون هونديون.

ازل کان پيچڙا پائي ڏِنا، جن ديد دِلبر جي،
عوشاقن سر متي باهيون، هتي ٻيهر ٻريون هونديون.

مجازي جون سمي مارون، رهيا محلات مورت ۾،
تني جي سر متي، سورن ٻنل ٻاري ٻريون هونديون.

’عارف‘ جا ٻول ٻاجهارا، نه وانجهيل کي وٽيا چا ٽيو
نظم سُڻندي اکيون نس نس ٺاهوڪن جون ٺريون هونديون.

○

اچڻ سان اوچتيون ازخود، اکيون اکين سان اڙجي ويون.
گهڙي ۾ گهاءُ ٿيا گهائو گهايل گهورن سان گهڙجي ويون.

کُمَڻ خاطر کٽي ڪاتيون، قريبن ڪار ڪئي ڪمڙي،
ڪنڊين جي قيد ۾ قابو ڪٽيون قسمت سان ڪڙجي ويون.

سوا سينگار ۽ سرمي، ستايائون سوز وارن کي،
سڪنديون صرف هڪ ساهي، سڌيون سيگهن سان سڙجي ويون.

چِتا هو چوٽ مان چرجي، چيم چالاءِ تہ چا ٿيندو،
چوهون چالن متي چالون، چاتيون چيرن سان چڙجي ويون.

وارياٿون وار ’عارف‘ تي، نہ واپس وار واريائون،
وجودي واهہ ۾ ويتر، ونگيون هر وار وڙجي ويون.
○

دلبرن کان وفائون، ملي ٿيون وچن،
سهڻن کان سخائون، ملي ٿيون وچن.

ڪڏهن هٿ ۾ آيل، هٿان شي وڃي ٿي،
ڪڏهن اڳ ڪٿائون، ملي ٿيون وچن.

ڪڏهن ڪنهن جي، خالي نهارڻ سان ناحق،
عمر جون سزائون، ملي ٿيون وچن.

جتان هئا نفعي جا، وڏا آسرا ڪي،
اتان ڪي خطائون ملي ٿيون وچن.

"عارف" ڪنهن جي صحبت سدائين سري ٿي،
ڪٿان ڪي جفائون، ملي ٿيون وچن.

O

اهڙيون عجيبن جون اکيون آرا، اجل اعلان ڪن،
حسنات جا حملا ڪري، هينئڙا ڪسيو حيران ڪن.

ڪن ري ڪجل قتلام ڪئين، هر جاءِ حشر ماتام ڪئين،
اهڙا سندن انجام ڪئين، بالا نشين بيجان ڪن.

اهڙيون نگاهون ناز ور، تجلات جيئن توبون تبر،
تائب لکين ٿيا تاج ور، ڪئين تخت ور تابان ڪن.

برقي منجهان بجليون بکن، مارڻ سندا رايا رکن،
ڏاڙا هٽيو دهلي، دکن نظرن سندس نيشان ڪن.

اهڙي اکين جي افسري، سوگها سوين ڪن سامري،
بند قيد ۾ قابو ڪري، عرب و عجم حيران ڪن.

ديدن واري هن دام سان ۽ محبتي مئي جام سان،
”عارف“ اهڙي انعام سان، انسان کي انسان ڪن.

○

چيم محبوب منڙا، تون ڪڏهن منهڙو ڏيکاريندين،
چيائين ماٺ ڪر، منهنجي هٿان بس مار کائيندين.

چيم محلات مان نڪري ڪڏهن مونسان ملڻ اچ تون،
چيائين آئينو ڏس، تون ڪهڙي منهن سان ڳالهائيندن.

چيم، دلبر جهڙو تهڙو مان آهيان تنهنجو ديوانو
چيائين تون الائي ڪيئن، منهنجو عاشق سڏائيندين.

چيم تو گهر اڳيان روئي، ڏيندس مان اوچنگارون ڪئين،
چيائين خوار ٿي پنهنجون، پٽيان پاڙون پٽائيندين.

چيم هڪ شهر ۾ آهيون، ڪڏهن گهر ۾ گهڙي ايندس،
چيائين اهڙي عادت تان، لڏيندين يا لڏائيندين.

چيم "عارف" آهين سهڻو پرين حورن کان وڌ ويتر،
چيائين ڪونہ ايندس مان، ڪٽي ڪهڙو پڌائيندين.

O

ڻ

عمر چا ڪان لاتئي، اسيرن سان اڻ وڻ.
وطن ڏي وراءِ تون، ڏِسان ويڙه وڻ وڻ.

هيٺن تي هلائون، ڪيي چو هچارا،
ڪائي شل خطا جو توکي جيت ڪڻ ڪڻ.

پتن پاسي بادل، پنا جام هوندا،
ڪِتي مينهن موجون، ڪِتي بوند ڪڻ ڪڻ.

ڏِنيون وِج وراڪن، واڏايون وصل جون،
مِلي ساڻ مارن، ماٿيان مڻ مڻ.

پهچائج پلڪ ۾، 'عارف' هي امانت،
وجي تر پياريان ڏنارن، جا ڏڻ ڏڻ.

○

عداوت عشق دشمن سان، عجيبن جي لڳي اڻ وڻ.
نہ هو پهتو انجامن تي، رقيبن جي لڳي اڻ وڻ.

آيو هي دور دُنيا جو ۽ ڏيان ويا نِڪري،
ڪاهي پئي ملڪ ۾ ڪلفت، قريبن جي لڳي وڻ وڻ.

نياڻيون نياءَ نبيرن تي، ويئو اڄ مان مردن جو،
نہ ياڻو ياءَ سان پيڙو عزيزن جي لڳي اڻ وڻ.

دُنيا درياهہ ۾ بس ڇا ڪندو انسان اڻ تارو،
پرم ويو آئي بدبختي نصيبن جي لڳي وڻ وڻ.

اوسيئڙو حج نہ زيارت جو لکين لک خرچ بندن تي،
وڏيرا ياءَ وڏيرن جا غريبن جي لڳي اڻ وڻ.

حديثن تي هلڻ وارا ڪي ٿيا قرآن جا قائل،
ٿاهي فرقا وجهن فتنا خطيبن جي لڳي اڻ وڻ.

فحاشي اڄ فسانا ڪي لکي ليڪڪ ٿيا پڌرا،
اڳوٽو ويو ادب وِسري اديبن جي لڳي اڻ وڻ.

چغل بازين هٽي چغليون وڃايا وجهه وصل وارا،
وري ميلاپ منڪر سان مجيبن جي لڳي اڻ وڻ.

پرين آيو اڱڻ ’عارف‘ سڙيو ديگر انهي ساعت،
اهڙي حاسد حرامي ڪي حبيبن جي لڳي اڻ وڻ.

O

روئي روئي رات گُذاريم راڻا، تنهنجي ڪاڻ رهاڻ،
سهڻل ساريو سور چران تي، سوڍل پنهنجو پاڻ سُڄاڻ.

توريءَ تڪيا طول وهاڻا، سور سِراڻا ورهه وِڇاڻا،
مومل ساڻ ڇڏي ڏي ماڻا، سهڻل ساڳين سيجون ماڻ.

نيڻ نهاري ٽيئڙا نارا، ڇڏ جُدايون جيءَ جيارا،
پرچي پير پلنگ ڏي پيارا، هوڏ ڇڏي تي هڪ مون ساڻ.

ازل کان هي انگ اڙيو هو جانب توسان جيءَ جڙيو
مون قرب قديمي قيد ڪڙيو نت ڪير ڪري ها ڪنهن جي ڪاڻ

تون منهنجو راجا مان تنهنجي راڻي جهوري جهنگن ۾ تي جوڳياڻي
راڻا روئاڙي جاڻا واڻي، پيارا پنهنجي پورهيت جاڻ.

توري ٽيئڙا باغ پراڻا، ڪاڪ ڪنڌي جا ڪنول ڪوماڻا،
نينهن وارن جا نيڻ نماڻا، ’عارف‘ عشق سندا اُهڃاڻ.

O

و

سوين تيم سال سورن ۾، سڄڻ سائين سڪايئي چو.
ليا پاتم لکين تولاءِ، لالڻ منهن کي لڪايئي چو.

ڪيم پر ۾ پُڇائون ڪئين، سوين باسيم سڪائون ڪئين،
اتم روح ۾ رتائون ڪئين، رتائون سڀ رلايئي چو.

ڪئين تولاءِ ڪريان ڪارون اڇي ٿي درد جو دارون،
فراقن دِل ڪئي قارون، هجر هيڏو هلايئي چو.

ڪيئي جي قول پاري وچ، نہ وارث تون وِساري وچ،
ننگي ڪو ننگ نهاري وچ، هونئين ناحق نتايئي چو.

ڪڏهن 'عارف' اڱڻ ايندين، دلاسا ڏي ڏُکي ڏيندين،
وِڇوڙيا گڏ وٺي ويندين، روئنديون رڻ ۾ رهائي چو.

O

تنهنجي زلف جي زور زنجيرن ۾ زردار، هزارين مان نـ رڳو.
تنهنجي حسن جي نيڪ نگاهہ ڪيا نروار، هزارين مان نـ رڳو.

توکي صفتون سهڻا يار سريون، تنهنجي چاهت ڪيون چوڏار چريون،
تنهنجا پيير چمن ٿيون حور پريون، هر وار هزارين مان نـ رڳو.

تنهنجي جوڀن جوت جمال ڪيا، ڪئين حيرت حال حلال ڪيا،
تنهنجي پرت پرين پئمال ڪيا، پڳدار هزارين مان نـ رڳو.

ڪي روز رويو رت راهون ڪن، ڪي اشڪ وهايو آهون ڪن،
ڪي ديد ڏِسڻ لاءِ دانهون ڪن، ديهدار هزارين مان نـ رڳو.

تو 'عارف' سان اچي انگ ڪيا، بي رنگي مان ڪي رنگ ڪيا،
تو يار سڏي ست سنگ ڪيا، سردار هزاري مان نـ رڳو.

آواز هي    الستيءَ آيو فقير جو.
رمز جهڙ راز ٿيو آ رايو فقير جو.

گهمسان گِرد گهيرو ديدن دمايو ديرو
حسنات حال هُيڙو ڳايو فقير جو.

ازلئون اها انعامي، سهڻي سندي سلامي،
من ۾ هي مچ مدامي، مايو فقير جو.

افلاڪي عشق آيو طرفين طلب تايو
سبحان ٿيو سجايو لايو فقير جو.

’عارف‘ بدن بلاتو پرين آ پيچ پاتو
سڄڻ صحي سڃاتو سايو فقير جو.

O

ڪمند قيدي ڪي ڪڙجي ويا، قديمي قيد ڪٽو پيو.
مجازي ميخ مهميزن ڪان، منهڙو مون نہ متو پيو.

ڪري حملا حسن وارا، سپاهي سونهن جا آيا،
سچڻ سرڪار جي سامهون، سِريءَ ۾ ساهہ سٽو پيو.

وصف وارن جي وٽ وٽ تي، وڏئون وارن جا ونگ واري،
ويراڳي ڪي وصل سان گڏ، ورهہ جو واس وٽو پيو.

چڏائڻ جون چٽيون ڳالهيون، اجا پيي چرڪ چا ٽيندو
شبابي شوق ۾ شايد، برهہ جو ڏنڀ پرٽو پيو.

ٽين منجهہ دام دم پورا، 'عارف' جا گهر عجيبن جي،
تہ راٽي ڪي روح ۾ روئندي لڪائي لاش لٽو پيو.

O

حسن سڪايل سؤ هزار، سونهن سڪائڻ وارو ڪو ڪو.
بيدرد دُنيا ۾ بيشمار، سور سٺائڻ وارو ڪو ڪو.

عشق جي سمجهن ڪين اصولن، ماترائون ۽ مفعولن،
فڪر بنا سي ٿيا فنڪار، قرب ڪمائڻ وارو ڪو ڪو.

درد نہ دِل ۾ ڪوڙيون دانهون، ڪير ٻُڌي پلا اهڙيون آهون،
هن نظارن جا تہ نبار، ٻول ٻُڌائڻ وارو ڪو ڪو.

من مندر ۾ مخفي مستي، برهہ وارا ڪن بت پرستي،
پائي زلف زنار پيد ٻُڌائڻ وارو ڪو ڪو.

هڪ سان هڪ تي خيال ڪمائي، صاف صفاتي ورق وڃائي،
ڪري وحدت جو واپار، پاڻ وڃائڻ وارو ڪو ڪو.

تن ۾ طلب جن ڪي توڙا، گهاءُ بِنا ڪن گهوڙا گهوڙا،
ڪان پئي تن محبت مار، محب مڃائڻ وارو ڪو ڪو.

جت قرب حسن جو ڪوس هلي ٿو جابر ڪو جوان دِل جهلي ٿو
ڪات اڏي تي ڪلنگيدار، ڪنڌ ڪپائڻ وارو ڪو ڪو.

سڏڙيا سير ڪان واپس ورندا، سونهن جا ساگر سالڪ ترندا،
نيهي ٿي نروار، نينهن نياڻ وارو ڪو ڪو.

’عارف‘ عشق عميق ۾ ايندا، ويرن ڪان ڪيئن واپس ويندا،
برهه جون بونديون سر بسيار، ورهه وسائڻ وارو ڪو ڪو.

O

مان بہ راڻي جي هيس، راڻو ڪڏهن منهنجو بہ هو
حُسن ديوي ٿانَ وٽ ٿاڻو ڪڏهن منهنجو بہ هو.

محبوب محفل جي اندر مرضيون بہ منهنجو تي مچيون،
ماهِ لقا مهندار وٽ ماڻو ڪڏهن منهنجو بہ هو.

حسن وارا ڪئين هزارين، پر حبيبن هنجهہ ٻي،
هو محبت موتي جي مثل داڻو ڪڏهن منهنجو بہ هو.

پرهہ تائين بس پرين سان، هتا حويلي منجهہ هندَ،
ٿمڪ ڏيئي راتيون تڪڙ، ٿاڻو ڪڏهن منهنجو بہ هو.

”عارف“ عجيبن وٽ الاهي، قرب جي قيمت قديم،
وٽ ناز ور نازڪ بدن ناڻو ڪڏهن منهنجو بہ هو.

○

ڪري سينگار سَوَ سالم، سندم سردار اڄ آيو،
پائي لک هار هيرن جا، هينئن جو هار اڄ آيو.

ڏسي صورت حبيبن جي همہ حيران ٿيون حورون،
اُڏامي هوش ويو هٿ کان، حسن لاهار اڄ آيو.

ملي مون مام ۾ محفل، لهي ويو مامرو من تان،
محب ماهِ لقاءَ، مرڪي ملڻ منٺار اڄ آيو.

نظاري نور ٿيو نوريءَ، نوازيو جنهن نگاهن سان،
نماري نينهن جو ناتو ننگي ننگدار اڄ آيو.

اچڻ واري عجيبن ڪئي، اُنائي آهہ زاري کا،
”عارف“ عيدون ٿيون، عرشي، اِرم اظهار اڄ آيو.

○

ھ

دِلربا تنھنجي درد گھايو رات ھِڪڙي تون تہ رھ،
مچ سڄڻ بس روح رايو رات ھِڪڙي تون تہ رھ.

گھر اچين ھِڪڙي گھڙي، زر مال گھر گھوري ڇڏيان،
ھِنَ ھجر ھاڃو ھلايو رات ھِڪڙي تون تہ رھ.

جانِ من تنھنجي جُدائي، جا اندر ٻارڻ ٻرن،
تانگھہ دِل کي آ تپايو رات ھِڪڙي تون تہ رھ.

محبوب رک تون مانُ، منھنجي منت مچ ماھِ لقا،
واعدي جو ڏينھن آيو رات ھِڪڙي تون تہ رھ.

مان ٿي تنھنجو تون ٿي منھنجو ملڪ جا مھٽا نہ ڏيار،
بيوس برھہ آھي بنايو رات ھِڪڙي تون تہ رھ.

سه

ثناء و حمد هادي جي، پڙهان هر وار بسم الله
سو خالق ملڪ جو مالڪ، سونهي صدبار بسم الله

حڪم هر جاءِ حاڪم جو هلي هر وار ٿو همدم،
ڪيائين ڪُن سان ڪُلَ پيدا، عجب جنسار بسم الله

ملائڪ جن بشر حورون، فلڪ ۽ عرش ۾ جيڪي،
عجب پيدا ڪيا پرور، نڪت نروار بسم الله

منجهان آدم اپايا جنهن، پيغمبر پير ۽ اولياءَ،
تنهن جو آ مان مولا وٽ، عجب اظهار بسم الله

ڏِسو لولاڪ لَما جي، پڙهي معنيٰ اي مؤمن،
محمدﷺ مُلڪ ساري جو ٿيو مهندار بسم الله

مٿان فرمان هي فرقان، جنهن جي شان ۾ آيو
سوا لک ۾ سڄڻ سهڻو نبي نروار بسم الله

عجائب پاڪ پيشاني، عجائب رنگ روحاني،
عجب صورت عجب سيرت، سخي سردار بسم الله

قمر خورشيد جي خوبي نہ مٽ 'عارف' عجيبن سان،
چُمن ٿيون حور ۽ پريون پرين پيزار بسم الله

O

ع

وڃڻ جون ڪيم ڪر وايون، مِٺا منٺار ترسي پئہ
هزارين ڳڻ تنهنجا ڳايون، هينئين جا هار ترسي پئہ

مِٺا مون سان چڙي ماٺا، رهو هڪ راتڙي راٺا،
سڄڻ سِڪ ساڻ اي سياٺا، صنم سنهيار ترسي پئہ

رهي پئه تين رهاٺيون ڪي، ڪريون قربن ڪماٺيون ڪي،
ڏِسن اکڙيون نماٺيون ڪي، تنهنجو ديدار ترسي پئہ

وصل جون هاڻ ڪر وايون، لڱن سان لال لڳ لايون،
پلا پاڪر پري پايون، پرين ڪنهن پار ترسي پئہ

پرين ڪو پيار پاري وچ، جڏو جيئڙو جياري وچ،
اندر جا غم اُتاري وچ، اڱڻ انوار ترسي پئہ

روحاني رنگ رچايون ٻئي، مِٺا محفل مچايون ٻئي،
پرين ڪي پهہ پچايون ٻئي، 'عارف' اقرار ترسي پئہ

# ي

الله جل جبار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.
سائين سچي ستار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

هٿ پيرِ جنهن اکيون ڏِنيون، ڪير ۽ ونيون ڏِنيون،
اهڙي سخي سردار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

جنهن جسم ڪيو جابر عطا، ان جي اسم تي ڪر سخا،
دِل خواهہ تنهن دِلدار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

جو سهٽا ڏيکاري ڏينهن ٿو طوفان ٿاري مينهن ٿو
اهڙي اجهي آڌار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

جو ڏي ڏهاٽي ٿو گهٽو ان جي اسم ڏي ڪجهہ ڪٽو
هن ڏيهہ جي ڏاتار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

جنهن جوڙيا ڏِسو فرش، فلڪ، حاضر همئہ حورون ملڪ،
قائم سدا ڪلتار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

تون چو ڪرين حاسد حسد، مخلوق سڀ مالڪ پسند.
اهڙي يقيني يار جا، احسان ميج منڪر نہ ٿي.

O

حبيبن جي حسن ڪيڏا هٽي حيران حد تي وئي،
سيارا، شمس ۽ ڪتيون قمر قربان حد تي وئي.

نيڻن کان محب تيو موهي، جهڪا جنسار کان جوهر،
گهورون گُل جان تان گوهر، تيان مرجان حد تي وئي.

پريندا تيا پسي بيپر، پڇن ڪيئن تون پري پيڪر،
تيا بيحال بت آزار، بُنياد بي جان حد تي وئي.

وريا جي وار وارن جا، لُٽيا هينئڙا هزارن جا،
تيا نيهي نظارن جا، نِجا نيشان حد تي وئي.

زلف جي زور ضربن ۾، تيا حيران ڪئين بن ۾،
ڪيئي قابو قيدن ۾ حد تي وئي.

O

رسڻ ريت رسمون تون راڻا ڇڏي ڏي،
مومل ساڻ ناحق تون ماڻا ڇڏي ڏي.

سجڻ آءُ سرچي نہ ساعت سري تي،
ڏيڻ سور سختيون سياڻا ڇڏي ڏي.

پهچي يار پيارا، پٽيون ٻڌ اچي ڪي،
زخم تون نہ هرگز پراڻا ڇڏي ڏي.

تنهنجي ديد درشن سان دارون تي سگهندو،
هِتي تون نہ دوري جا داڻا ڇڏي ڏي.

خدا راهہ گهر ۽ خدا کان بہ گُهر تون،
ناجائز ڪمائڻ جا ناڻا ڇڏي ڏي.

اتي ڏور ڏونگر اڳيان پنڌ اڙانگو
سمھڻ سيج تي ۽ وھاڻا ڇڏي ڏي

ڏينديئي ڏس ڏاھا پرين جي پسڻ جو
رھج ساڻ سالڪ اياڻا ڇڏي ڏي

انبن ۽ انگورن سندي چاس چک تون،
نہ کاءُ گوار گدرا ھنداڻا ڇڏي ڏي

معشوقن جي محبت اٿئي ميٺ ماکي،
گھر تمام تازا ۽ باسي ھاڻا ڇڏي ڏي

’عارف‘ ساڻ ’عاصي‘ تيسين اور دِل جون،
ماڻي عشق موجون پڇاڻا ڇڏي ڏي

O

تڳان ٿو روز مان تاري، سندم رب جي سهاري تي
هي نِڪري چوھہ چولين مان، ٿيندي ڪشتي ڪِناري تي.

وصالي واٽڙا ورندا، السٽي ٻول اڄ پرندا،
ڏکن کان پوءِ سک سرندا، اي ڪاروبار واري تي.

رکيوسون بار باري تي، پيلا ٻيو ڀروسو ڪهڙو
۽ هلبو هوش پنهنجي تي، نہ لڳبو ڪنهن جي لاري تي.

ڏکن ۾ ڏينهن ٿيا پورا، تہ پرواھہ ڪا بہ ڪانهي ڪا،
ٿينداسون بهشت ۾ داخل، سنڌئي عربي اشاري تي.

هي من مُٺا گهڻا ماڻهو نہ مصري کان مِٺا مون کي،
اٿوَ الفاظ 'عارف' جا انهي نازڪ نظاري تي.

O

سچ سڻاءِ ڪهڙي سبب، منٺار وئين منهنڙو مٽي،
چو جُدائي ۾ جلائيي، جان توري ڪيئن جٽي.

گهر گهرائي ڪا گهڙي، گهوٽ گڏ گوڏي ويهار،
گهور گهايل تي گهمان، ڪيئن پلا گوندر گهٽي.

سِڪ سجڻ سوراخ ڪيا، ساعت نٽي توري سري،
ڏيئي سڪڻ جي مون ستي، وئين ساهه سورن ۾ سٽي.

ڪيا حسن حملا هزارين، هر جاءِ حيرت ۾ هلاءِ،
هٿ حسينن تان ڪٽان، پر نه مون هينئڙو هٽي.

آءِ اڳڻ 'عارف' عجيبا، پوءِ ٽين پورا پساهه،
ڏيئي لتون لالڻ اچي، وڃ لوڙهه منهنجي کي لٽي.

O

سڄڻ سهڻا اچي سڻ تون، سندي عاجز عرضداري،
پنو ڏِس هي پڙهي پيارا، اٿيئ درخواست دِل واري.

جهان ۾ جج تو جهڙو نہ پيدا ٻيو ڪيو پرور،
تون ئي حاڪم حسن وارا، تنهنجي ڪورٽ قرب واري.

سزا جي موت جي ڏيندين، تہ ميٺي محب مون پوندي،
جنم جي قيد جي جاني، قبوليم سِر سزاداري.

برهہ جون بند باريڪون، پيچڻ پيٽي نڪا پانيان،
جشن جوين سندا جيلر، وتن ٿا چست ٿيا چاري.

ڏينهن ڪان ڏوهاري، ٿيس رُڳو نازڪ نهارڻ لاءِ،
زوري قيدي ضامن بند، نڪا تاريخ ٿي جاري.

سڄڻ سائين عمر ساري، ستائيندي تہ سرندئي چا،
نيائي نينهن جو ناتو 'عارف' سان يار ڪر ياري.

O

اديون اڄ رات کان اڳ ۾ عطر هُٻڪار عنبر تي.
عجب جنسار جانب جو ڏِٺم چمڪار چندر تي.

محب مهندار مڙني جا، پيا پهريون نمبر پسجن،
آيا حاڪم حسن وارا، تجلي جا تونگر تي.

مبارڪ مُنهن موتيو گُل، سهائي سوجهرو سهڻو
اچائي ٻي نہ اهڙي ڪا، سفيدي سنگمرمر تي.

دوناليون ديد جون ڏاري، دِلين تي پيي هنيون ڏاڙا،
نگاهہ نوڪ نيڻن جا لڳا نيشان نشتر تي.

جسم جانب سندو جلوو ڪندا جنسار چا تنهن کي،
سراسر سونهہ جي سامهون، هلن حورون نہ همعصر تي.

ڏِسي حيرت حبيبن جي، هلي هٿ کان ويا هينئڙا،
حسن جي حادثي کان ويا، همہ حيران هر گهر تي.

ڏِسي هي رنگ روحاني، رنو 'عارف' تہ چا تي پيو
سوداگر سونهن جا ويئڙا، سوين دارا سڪندر تي.
○

محب مُرڪڻ سان مِٺا، مهمير ڪيئن ماري ڇڏئي،
ڪاڻ ڏاڙي هي دوناليون، ديد ٻئي ڏاري ڇڏئي.

چنڊ کان چهرو چِٽو چٽني طرف جنهن چاندني،
تنهن مٿان بادل پنپيا، ڪر بار بهاري ڇڏئي.

خمدار خوني خوبرو ڪن، خونريزي خلق ۾،
سي سقيلا صاف سهٽا، وار لئہ واري ڇڏئي.

پاڻ ري ٻوڙيا ٻِست، تو ٻاڻ ٻابيهل ٻئي،
سي سڏا سيني منجهان، تو تير جيئن تاري ڇڏئي.

پروان پيا پڙّ تي پچي، تجلي پَسي تهدل تمام،
شمع جي شعاءِ تي، ٻهڳڻ لکين ٻاري ڇڏئي.

گُلبدن گهائين ٿا ٻئي، گرز گولي جان شتاب،
اشڪ ’عارف‘ چا چوان، پر عام آزاري ڇڏئي.

ڪرم پنهنجو ڪري قادر، متان مُنج مينهن ٻي پاسي،
ديانت ڪا ڪري داور، متا منج مينهن ٻي پاسي.

سخي صابر سڪيا رڪجان، نہ دم تن کي ڏکيو رڪجان،
بخيلن کي ڪري ٻي زر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

ڏئين رب راهہ جي روڪڙ، ڏهاٽي ڏي تنين ڏوڪڙ،
والي تن جا وري گهر پر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

وٺي وسنديون ڪرين ويران، وٺي پينو ڪرين سلطان،
پروڙي ڪير تنهنجي پر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

رتا پنهنجي جنين جوڙي، ايندي اڳتي تنين سوڙي،
هتي خوش ٿي کِلن پيا ڪر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

نہ ويساهہ تو وڏائي تي، رهن پنهنجي پڏائي تي،
نہ تائب تو نہ توبهہ در، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

آهين تون مُلڪ جو مالڪ ڏئين تون خلق کي خالق،
رَسائين رزق تون هر گهر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

شهنشاهہ شاهہ تون آهي، وسائين وهڪرا واهين،
پلا اهڙا جهلي ڪو جر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

سڪندر جمجما دارا، سيئي توکان گهرڻ وارا،
اچي والي ولهين وڙ ڪر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

اچي ”عارف“ اجارين تون، سخن سائين سنوارين تون،
پياري ڪوثر ساغر، متا مُنج مينهن ٻي پاسي.

O

اڱڻ منهنجي عجيب ايندا، اچڻ سان عيد ٿي ويندي،
مٺي محبوب مشفق جي، ملڻ سان عيد ٿي ويندي،

محبت ڏيندا ڇڏي ماٺا، سندم سهڻا سڄڻ سچي،
پرين سان روز راتيون، گڏ رهڻ سان عيد ٿي ويندي،

نماڻيان روز پئي راهون، برهه بيمار ڪئي آهيان،
ڏکويل کي اچي ڏک ۾ ڏسڻ سان عيد ٿي ويندي،

قرابت منهنجي ڪانهي ڪا، قريبن جو ڪرم گهرجي،
قريبي قرب جون ڳالهيون ڪرڻ سان عيد ٿي ويندي،

"عارف" ايندا هو لاثاني، جياپي منهنجي جا جاني،
دلاسا دلبريون ڏيئي، پڇڻ سان عيد ٿي ويندي،

O

محبوب رخ مدامي، غنچہ گلاب آهي،
شب روز شمنشاهي، شاهي شباب آهي.

رحمان راز رايو، سهڻي ڪيو سرس سايو
باطن برھہ جو پايو ظاهر نقاب آهي.

چشمن جي چوٽ چاڙهي، گهايل وڌو تو گهائي،
ڏک ڏيل تنهن ڏهاڙي، ازليءَ عذاب آهي.

حملا حسن هزاري، عاشق جي دل آزاري،
سجڻ ڪري ستاري، سمجهہ ثواب آهي.

سڪ سير هي سجاتو، ٿيو بيوس بدن بلاتو،
پوشاڪ پيچ پاتو، يانيم نواب آهي.

"عارف" عجيب عالي، شفتين مئي موالي،
ڪوثر قسم ڪمالي، شاهي شراب آهي.

مون کي دؤر دنيا جا درس نہ ڏي، مون کي دام لڳي دردانيءَ جي،
توکي ڪل پلا چئون ڪمڙي قاضي، عشق واري افسانيءَ جي.

ڪائي مال متو آهين، ڪر نہ مڃي، خود هام هڻين تو هو نهين ڪڃي،
توکي نوڪ نہ هرگز آهي لڳي، ڪا نظرن جي نشانيءَ جي.

"اَلاِنسَان سِرِی" رب راز رکيو تيو انڪار ڪري ابليس ڏکيو
تو سبق اتائين ڪونہ سکيو وئين وات وٺي ويرانيءَ جي.

هل موکي جو مئخوان جتي، آهي جانب جلوو جتي ڪتي،
ڇڏ دلڪ دوئي جا ڏيان هتي، رک دعوا تون نہ زمانيءَ جي.

"عارف" راهہ الله نہ ڇڏ، دل وحدت جي ويساهہ سان گڏ،
رک صورت جا ارواح ۾ اٽئي، اها بازي رکيل بهانيءَ جي.

O

ڪري دل درد ۾ دانھون، تنھنجو ديدار تو گھرجي،
نہ دارون ديد ري ڀيو ڪو برھہ بيمار تو گھرجي.

ساعت سال تي سنيران، وچان ڪو ڪوھہ سَو ڪوھن،
اچڻ جي ڪر اجھين ازخود، اھڙو اقرار تو گھرجي.

سڄن سھڻا ستاري ڪر، ستائن ۾ سريو چا اٿئي،
سگھو سرڪار تي سامھون، سنڌئي سينگار تو گھرجي.

ڪيئي چو دلربا دوري، نہ دل تان تو لھين دلبر،
دردوندن سدا درسن، تنھنجو دلدار تو گھرجي.

رھي وچ رات ڪا راٺا، رسي چاڪان روئاڙين تو
لمحو لاٿان تو لاشڪ، مون کي لاچار تو گھرجي.

وري آءُ تون وساريئي چو، مون کي ويل ڪا وسرين،
نہ ورندي ٻي تي دل وندري، وصل وھنوار تو گھرجي.

روئان پيو روز شب تولاءِ، نہ ٻيو ڪو روح ريجھائي،
ڪئين رنگ روپ رف توري، روحي رنگداس تو گھرجي.

جدائي جيءُ جھوري، مٺا توري مري ويندس،
جيئين جاني تنھنجو جلوو "عارف" اظھار تو گھرجي.

○

ڪيا عجب ديدار ديدن، ٽيون دغائون دل مٿي،
ورق ويسهہ جا پڙهڻ، واجب وفائون دل مٿي.

هي اڪيون ازخود هلن، پر اوچتي ڪنهن اک جڙيون،
روح راڙي ۾ رهن، اورڻ ادائون دل مٿي.

سُونهن سهڻل جي ڏسي، سوگهيُون ٽيون ساري عمر،
سي تہ سورن ۾ سڙيون، سارن صدائون دل مٿي.

ريس مان جيڪي روئن، جي روبرو تہ بہ رڙ نہ بند،
پاڻ پرچڻ ڪان پري، راضي رٿائون دل مٿي.

پائي ليا لاٿان ٽيون، "عارف" اهڙا اظهر عجيب،
دائما سي ديد ڪن، درمل دوائون دل مٿي.

دردمند تي دوا، دلدار گهر آيو وري،
محبتي مينهڙا وٺا، منٺار گهر آيو وري،

سرس سانوڻ لاءِ سڪندن، سر سوين سودا ٿيا،
سهڻو سڄڻ سينگارجي، سرڪار گهر آيو وري،

اڄ عجيبن کي پسي، آسون پنيون اکڙين سنديون،
عاشقن آرا، عجب اظهار گهر آيو وري،

مون مٿي محبوب ماڻڻ ڪاڻ، ميڇتائون مڇيون،
محب سڀ ماٽا ڇڏي، مهندار گهر آيو وري،

اڄ سڪندر سيج ماڻي، سوڀ "عارف" تي وري،
سال مون سڪندي ٿيا، سردار گهر آيو وري،

O

ڪجل ڏاران ڳُنڌيون ڪاريون، ڪتاريون پيون ڪتين ڳڙڪي،
لڳيون لحظي اندر لاشڪ، لکين سِر لال پيا لڙڪي.

ڏڙا ڏڙ ڏوم ڏاڙا ڪئين، ڏرئون ڏر ڏرم ڏر ڪهڙي،
ڏڪو ڏڪ ڏار ڏڙ سر ڪان، ڏُڙن ڪان دل پئي ڏڙڪي.


دردمند تيون دانهون، پسي دم دونهن دارون جا،
دونالي ديد مان دائم، برابر باهه ڪا ڀڙڪي.


ونگيون ور ڏيو وڳن ويتر، وتن ور ور وراڪيو سي،
ورائين وار وس واريون، وجودي ورق ۾ وڙڪي.


اکيون "عارف" عجيبن جون، ارادا ڪن اصل اهڙا،
آيون مارڻ امالڪ سي، نه اتڪيون اول ڪنهن اڙڪي.

# سنڌي ادبي بورڊ جا شايع ڪرايل ڪجھ ڪتاب




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.